# آڪُن نِيرا ڦُليا

## شيخ اياز



Gul Hayat Institute

شيخ اياز

آڪن نيرا ڦُليا (شاعري)

نيو فيلڊس (112)

سڪ سان نرنجن لاءِ

شيخ اياز

۱ جنوري ۱۹۸۹ع

Gul Hayat Institute

# اَکو نیرا ڤلیا

(شاعري)

Gul Hayat Institute

# اَکن نِير اُڇُليا

(شاعري)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1988ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **هڪ سؤ ٻارهن**

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس<br>هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | آڪٽوبر 1988ع |

**قيمت** 30/- رپيا

آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان 50/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

**AKAN NEERA PHULYA** (Poetry) written by **SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition October 1988 Price Per Copy Rs. 30/-**

# فهرست


عنوان — صفحا

**پبلشر جو نوٽ** — ۹

**اياز جو خط 'آڪن نيرا ڦليا' بابت** — ۱۱

## ' آڪن نيرا ڦليا '

**بيتَ** — ۱۷—۹۰

(۱)

سچ جو ساريوم، نانءُ نہ آندم وات تي،
ڪنھن جو پڇيو ڪير آ، مام اُنھيءَ ماريوم،
ڏوران ڏيکاريوم، چوڏھينءَ چنڊ آڪاس ۾.... — ۱۷—۲۳

(۲)

سُندر تي ٻڙندين، سنھنجا گيت ٻُڌي ڪري؟
ڪاڏڻيا! ڪڙندين، ٿر جي چوڏھينءَ چنڊ جئن!.... — ۲۴—۳۹

(۳)

آچو ٿر چمڪي، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
توسان ڪو جھمڪي! ڪڏھن ايندين سپرين؟.... — ۴۰—۵۳

(۴)

ڪيڏو ناھ ڏرڙ، ڪيڏي پٽ پواڻتي!
لھوارو تي لَڙُ، پوين نہ پاٻار ۾.... — ۵۴—۸۳

(۵)

اڄان تنھنجيءَ جوت سان، روشن ھي ڳڙ ڪيون،
پر جي بند ڪيون، مون ھي اکيون اوچتو؟.... — ۸۴—۹۰

نہ چڱان تہ مون سان ڪڏهن تون ملين؟ .... ١٢٣
ڪوئي تہ ٻڌائي پار/مون کي هُن پرڏيهہ جا! ... ١٢٤
هي جو آونداهو، رستو آهي رات جو.... ١٢٥
سنجهي سَنيُوڙا، وڃن پيا واٽ تي.... ١٢٦
ڀِٽيءَ کي ٻيهار/ڏاڍو تيز وڃي پيو.... ١٢٧
اورنگيءَ جي اوٽ ۾، ٻَري ٿو سنسارُ.... ١٢٩
ايڏي اونهي ڪنانہ آ، ڪائي بہ ڪاهي،.... ١٣٠
جنهن وقت تري ۾ آئينو/چمڪي ٿو، چنڊ پسائي ٿو،.... ١٣١
آهي ڪاريءَ رات جو/پويون پهر اڃان.... ١٣٢
ڏاڍا ڏوپ نہ واسيا، ساڳيون جتائون.... ١٣٣
واڳيي ڙِي واڳيي/توسان ڀُنءِ پنيور جي.... ١٣٤
وڻ تہ اڃان سائو/پڪڪ پراهان تي ويا.... ١٣٥
جڙون مون ڪيئي/پهتيون جي پاتار ۾.... ١٣٦
اڃين ٿو اوٺار/جهوڙا جهمڪن ٿا پيا.... ١٣٧
سپنا سِگهيرو/جي تون ساپيا تي وڃين!.... ١٣٨
منهنجهي پيراندِي/ڪيئي ڏاها ڏيهہ جا. .. ١٣٩
وري هو قَرڙا/وڃن پيا واٽ تي. .... ١٤٠
سڀ ڪانَ وڏي ڳالهہ هيءَ.... ١٤١
ٻڪڻ وکهي ڇا ڇا نہ ڪيو ٿا.... ١٤٢
ٿا چاندوڪيءَ ۾ ڏيک ڏين.... ١٤٦
ڇيپُن منجهہ ڇپڻن/ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.... ١٤٧
سرخ گهوڙي سوار!.... ١٤٨
جي نہ مان تنهنجو ضمير/مان لکان ڇا لاءِ ٿو؟.... ١٤٩
ساري قوم بہ ظلم ڪري ٿي ... ١٥٠

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

شيخ اياز جو اڳ شايع ٿيل مشهور شعري مجموعو 'وڄون وسڻ آيون' پڻ ڇپائيءَ هيٺ آهي، ۽ اميد ٿا ڪريون ته ترت ئي اهو پڻ اسين پنهجن لائق ڪرمفرمائن تائين پهچائي سگهنداسون.

گهڻي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪافي خيال ۽ ڪوشش ڪان پوءِ به زير نظر ڪتاب ۾ ڇپائيءَ جون ڪجهه غلطيون رهجي ويون آهن. عزيز پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل پلنامي (صفحي ١٥١) تان ڏسي، اهي سڀ، ننڍيون وڏيون غلطيون درست ڪري، پوءِ ڪتاب جو مطالعو ڪن. اداري تي اهو سندن عين احسان ٿيندو.

— ادارو

Gul Hayat Institute

سکر
١ ڊسمبر ١٩٨٨ع

پيارا فيروز،

مون جيڪو هن هيءَ ٨٠٨ ۾ "اکين ڀرا ڦليا"

ڦوار ٻاراڻيون بيت، ۽ آيون ڪيا ته مون اهي ترڪيون ته صفت

جي جيڏي جيڏي شاعري جي پس منظر ۾ آيون ان. في الحال

مون، سڀ کان پهرين پس منظر جي "اکين ڀرا ڦليا" وارا بيت

ته جي پس منظر ساڻ ڪيا آهن. باقي سمنڊ، جبل، آسمان،

وڻ ۽ ٻال ته جي پس منظر ساڻ بيت، منهنجي اڳيئي ڪتاب،

جهڙي ڏسان ته لکي ٿو ڏنا ويندا جو نئين ترتيب آهي.

"اکين ڀرا ڦليا" جي حوالي سان مون منهنجي نثر جي ڪتاب

رڪارجي جا ٿيڻ ضرورت ۾ شعر جي تخليق جي باري ۾

ڪافي لکيو آهي، جلدئي اهو ڪتاب تو ڏانهن اشاعت لاءِ

موڪليندس. مان اهو هتي سيکجڻ ڇپرائڻ نه ٿو چاهيان.

گذريل مهيني جوڻو صاحب سکر آيو هو، ان ساڻ ٻيهي ڳالهه جي انگل

ويو ڪالڪ بحث ڪئي هئي جنهن ڏهو ڪالڪ منهنجي اردو ڪلام

جي مجموعي "نيل ڪنول اور نيم ڪي پتي" جي پروفن ڏسڻ ۾

لڳا هئا. ڏهو ڪالڪ "اکين ڀرا ڦليا" جي پروف جون ڪاپيون

ڏيڻ ۾ لڳا ها. مون ساري ڪتاب پڙهيو هو. جوکي صاحب

ڏيا ن ساڻ ٻڌي جنهن هو ته " مان چاهيان ٿو ته

Gul Hayat Institute

جي معنيٰ نيرا ڦلايا، کي مڊ لفظ رکي، سنڌي ٻوليءَ جي وصف،

هم گهري ۽ جادوگريءَ تي هيءُ ڪتاب لکان پر سرڊسٽ مون کي

اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهه ۾ آئي جا مان لکڻ چاهيان

ٿو. باقي مان ان تي هيءُ علحده ڪتاب ضرور به لکندس

مان چاهيان ٿو ته جوليو صاحب اهو سمجهي هن ڪتاب تي

مقالو به لکي ۽ فقط ان ڪري نه ڇپجي ته هو (مون) ڪتاب

هن سان منسوب ڪيو آهي. ٻوليءَ جي جادوگريءَ تي جهڙو

هو لکي سگهندو، اهڙو ٻيو ڪوئي لکي نه سگهندو.

تخيلو

شيخ اياز

# انتساب

پنهنجي پياري دوست ۽ عظيم محسن
محمد ابراهيم جويي جي نالي

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# اَکنه نیز اُقليا

(شاعري)

Gul Hayat Institute

مُون چيو مَينديءَ کيت کي، اُٿي ڦُٽي پَوُ

"مُون کي ڪيئي سَوُ، رَتا گهُرجن هٿڙا"

(شيخ اياز)

Gul Hayat Institute

سڄڻ جو ساريوم، نانءُ نہ آندم وات تي
ڪنهن جو پڇيو ڪير آ، مام اُنهيءَ ماريوم
ڏوران ڏيکاريوم، چوڏهينءَ چنڊ آڪاس ۾.

سڄڻ سان سُرباتِ، ساريءَ جڳ پڌي پئي
ڏسان ڏس وئي ڦهلجي، اُن مان نڪري لاٽ
اڄ سيئي گهر گهاٽ، اُن سان گونجن ٿا پيا.

* ڪڙو آهہ ڪتڙاهہ تي، ڪري چنڊ چٽاءُ
آڏيءَ اُتي آهُه، لڪي ساري لوڪ کان!

** مترُوئي مهڪارَ، اچا اڱڻ سُپرين!
اچين جهڙي پيهارَ، مهڪي سات سُڳند سان.

پرينءَ جو پهراڻ، جهڙي باک بسنت جي
آهي اڄ مون ساڻ، ڇڻ ڪو گل گلاب جو.

سرتي سويري، وهنتي جيئن تلاءَ ۾
آيا اُن ويري، گهرو ڪيئي ڳوٺ جا.

---

* ڪڙاهہ ـــ لوڙهي جو لنگهہ؛ ڪونيٽ جو ڏار، جو سمهڻ وقت لوڙهي کي ڏئي ڇڏبو آهي.
** مرُوئو ـــ ٽر جو هڪ سُرهو ٻوٽو.

اڄ منهنجون تن سان هيون، راتيون ريشم جان
ڪلهه جي مون، توسان، گڏ گذاريا ڏينهڙا.

مون ٿي تنهنجون سانورتي، ٻانهون وَلين جيئن،
گهاريان هوند، نه هيئن، مان هي آرهڙ ڏينهڙا.

اڪين اڄ به ڏٺيون، پر نه اڳيي جيئن ٻــڪ سان
* آنٻوهيل گِدريون، گوري تنهنجي گڄ ۾.

وارن ڪي جهٽڪو ڏئي، هٽايئه پنتي،
چنڊ پيو تاڙي، سڙ مان توکي سُندري!

ڪارونجهر تي اوڙڪون، اڄ به سا ڳا مينهن،
ها، پر جويتَ ڏينهن، رهي رهن ڪينڪي.

سَٽ نه سهن سيءَ جي، هاڻي منهنجا لِڱ
ڏرڳ به کهڙا ڏرڳ، ڏرتي تنهنجي ڏوڙ ۾!

گهر ۾ رکي ڳنيڙي، ڳاڙينديءَ ڳوڙها،
وڃان ٿي پوڙها، توسان گهاري ڏينهڙا.

---

* آنٻوهيل گِدريون ـــ گدريون جڏهن پچي لڳنديون آهن ته ڦهرين پيليون ٿينديون آهن، انهن کي 'آنٻوهيل گدريون' چئبو آهي.

Gul Hayat Institute

اٺ ڪٿيندڙي ٿي ڏسي، هُن ڏي آڏيءَ اکِ،
ڇا هيءُ ٻيءَ ڪنهن ٻڪِ، مون وَرُ آڏيءَ رات جو؟

پاپَل، تنهنجي ٻَڪِ ۾، رَات گذاريم ايئن
باک ڦُٽيءَ جو جيئن، مون گهرِ رُوهيڙو ڦٽي.

* هوءَ ڏاگهي ۾ ڏيل جئن، بيٺي آهي ڪير؟
آئي آهه سوير، ڏِلو کڻي ڇيلهه تي!

پاپَل ڙري پاپَل! نڪري ڪالهه نيات سان
اڄ ايڏي گهايل، کهڙي ڏَس وڃين پئي؟

** لوئيءَ ۾ ٿي تون وڃين، ڪانيا لڪايو،
مون من ٻڪايو، توڏي هر هر ٿو ڏسي.

ايڏي لسيءَ گهرَ، ليٽي پئي لانڊ ۾؛
ننڊ ٻ ڪائي لهرَ، ڇوري پرينءَ ڪَڇ ۾.

ويڙهي وئي آهين، هاڻ تہ منهنجي مَنَ ڪي!
جاڏي ٿي ڪاهين، تاڏي آءٌ وڃان پيو.

---

* ڏاگهو — ٻن پٽن يا دڙن جي وچ ۾ ڪُٺري زمين.
** ڪانيا — عورتون سنگ لڱي، جهوليءَ وجهنديون آهن، جنهن کي 'ڪانيا ڪرڻ' چئبو آهي.

هي جو منهنجو هينئڙو، هاڻي وس ۾ نه مون
آهين تون ئي تون، مون کي مون ڏي ٿي ڇڪين!

واري ڇڏيو مون، توسان ملڻ آسرو -
پوءِ به تون ئي تون، ڇا جي لاءِ تنوار ۾.

تون جا مون ۾ ٿي وسين، مون ۾ ئي رهندينءَ
مون سان گڏ کهندينءَ، اونداهي آڪاس ۾.

هاڻي آءٌ به تون، دور به تنهنجي ويجهڙو
پر هڪٻئي سان جيئري، شايد ڪونه ملون،
پوءِ به منهنجي مون، تون ئي تون منهنجا پرين!

وينگس ڦلڙي نڪ ۾ پايو لُڏي ٿي،
سانجهي ٻُڏي ٿي، تارا اُڀريا اڀ ۾.

اکڙين مان آئي پئي، ڪيڏي اُس ۾ هوا!
پياري! هيئن سدا، تو ڇو گهڙڪيون ٻوٽيون؟

آئي آهي پاڻ کي، سپني سان ڌوئي،
اهڙي نيروئي، آءٌ نه ڏٺي سندري!

سڀ کي ڪيڪاري، هر ڪي منهنجي هنج تي،
ساري جيئاري، هر هر مون هيئون ڪڍي!

Gul Hayat Institute

ڪيڏو وئينءَ سُندري، منهنجو من موهي!
مون کي ڪنهن چوهي، تنهنجي ڇپَ ڇڪي پئي!

هي جي، پائي پوتڙا، سارو ڏينهن سٽن
تن جهي ننگي تن، ڪيئي سجّ سمائيا.

ٽونر جي ٽانڪين پري مُڪي پرت کي،
جُهڙن مان جهانڪين، ڇُپي تن جون ڇاتڙيون.

گونٽي تارون، گهاگهرا، لويون، لوهاٽيون
وَرَ وَرَ آماٽيون، جي مون نمارَ ستاوَ ۾.

هيءَ جا سوناري، پائي آئي پاندڙي،
مون من پلهاري، چوڏهينءَ ڪان به چڱي لڳي.

اِنهيءَ تي افسوس، هيءَ جا ڄائي ڪوجهڙي،
هُن ڪئن پليو سوس، مرندي تائين سونهن ڪان!

Gul Hayat Institute

ڪيئي پٽڙا، ڪينجرا، ڇُنيون ٽيون ڇمڪن
ٽڏيءَ ٽريچن، مون من رتو رنگ ۾.

هو جي ٺڪراٽيون، جن جا نيرا گهاگهرا،
هو جي جيسلمير ۾، مون ڪلهه آماٽيون،
واٽون ويڳاٽيون، تن بن ساوڻ مينهن ۾.

* چوڌاري چنبڙن، ڏونر ڏونر ڪنڪڻيون
جن ۾ لوڏڙياريون، چوٽيءَ ڦُل وجهن
ڪيڏا منهنجي مَن، سپنا سونهن سمائيا!

ڪٿي هوءَ ڦٽي ڪاٺ جي، وارن کي ڏيئي
سوچڙي سنجهيءَ، پئي ناهي ڪٺ کي!

ناري، ڦٽوتو، هٿ نہ لڳڙي آرسي
چوڙيائين چوٽو، پرسان مور پري ڪري.

سانئڻ! هي سوني ڦلي، ڪٿان آندي تو؟
چڻ ڪوئي تارو، چمڪايو تو چنڊ تي!

ٿا ٻُوليءَ ۾ گهنگهرو ڇمڪيءَ ڏيہر وڄن
ڪيڏو روح رڄن، گهڻ گهڻ جي گهيراو سان!

ڊولڪ، ڏاتيڙو، تارن اکيون ڇنڀيون!
ايڏو اونيڙو آ، ڪنهن جي آواز ۾؟

هٿن منجهہ ڪڙوليون، ڪنن ۾ ڪڙڪون،
ڇا تي سوچين تون، ڪالهہ رليءَ ۾ ڪير هو؟

تنهنجون منهنجون آڄ الڳ، ريتيءَ ۾ راهون
جوين جون ٻانهون، ڏاتوري جون وليون!

---

* ڪنڪڻيون = سوني ڏاڳن جون چوٽيون.

چوٽ نہ ساڳي چنڊ جِي، درد نہ سي ڏانهون
اڄ نہ سي آهون، ڇئن اڇي ويو ڇِت کي!

هيءَ ٿڌڙيءَ جي راتِ، ٽِرِ ۾ کيئي ڪولهٽيون،
تاڙيون وڳيون اوچتو، ڇيري ڇپ ڇپات،
آئي تنهنجِي ٻات، راسوڙا رکجي ويا.

ڦيري پنهنجا ڏانديا، وَرَ وَرَ ڪتڙڪا ڪن
جن جي ٻيرين گهنگهرو، ڇمڇم سان ڇمڪن
سارِي رات تپن، ڇانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي!

هوءَ ڪاوَن سان ٿوپڙي ڪنهن لئہ ٿي ناهي؟
اڄڙو ڇا آهي، ڪوئي نيري سمنڊ مان؟

پائي مٽيا ڪانچ جا، چوري ڇاتيءَ تي،
هيٺان هيرن کي، ڇاجي لاءِ لِڪائيين!

چمڪن ڪتن ڪيوَتيون، وِڄ وراڪا ڏي،
آيا ٻنيءَ تي، ٿرَ ٿريچا وَس ۾.

هي جي راتيون ريشمي، تنهنجي ڳلن جان،
ڳچيءَ لائي مان، توکي ساريان سندري.

مون روکي هِر سڌ کي، تنهنجي سڌ کڻي
ڇا مون عمر وڃي، سَرتي تنهنجي سار ۾؟

---

## (٢)

* مُندر ڏي ميڙندين منهنجا گيت ٻڌي ڪري؟
ڪائُڙيا ڪيڙندين، ٿر جي چوڏهين ۽ چنڊ جئن!

وريَري ۽ لَپ يَري پين، هي جي پنهنجا يار
** سانيڪا، سنگهار! پري تن جي پهچ ڪان.

o هي ۽ جا منهنجي شاعري، ڪانڪيهه وارو لَڪُ
جنهن ۾ ڪوئي ٿَڪُ، مُور نه ڏِسندؤ مارُئو!

هي جي مون وٽ ڍير، اهڙا بيت نه اڳ هيا!
oo آءٌ چڏيان ٿو سانيو، پَٽڪولي تي پير؛
توڙي آهه آوير، آءٌ آئين ئي پنڌ ۾.

Gul Hayat Institute

---

* مُندر —— ٻه ٽيئون جيڪڏهن ڪُنڊ وٽ گڏيل هونديون آهن ته گڏيل هنڌ جي هيٺاهين زمين کي 'مُندر' چئبو آهي.
** سانيڪو —— سٺ پرهه اونهو کوهه.
o ڪانڪيهه وارو لڪ —— لڪُ جو نالو. اُن ۾ ڪانڪيهه جا ڪيئي وڻ آهن.
oo پٽڪولو —— ڏهرن ۾ سخت زمين، جتي واري اچي ٿي. ميرانجهي هوندي آهي.

جُـتيءَ سڙاڪا اچن، وڃين ٿو ڪيڏانهن؟
چنڊ به چڙهه تيڏانهن، توسان گڏجي ٿو وڃي!

ٻوني مٺان پيار جا، قدم ويا جي
آهن اڄ به اُتي، چاپَ ٻُڌين ٿو ڇُپّ ۾؟

* هي جو اُيراٽو، وڃي ٻيو واٽ تي
اڃا نه ساٿو، توڙي سڄ لهي ويو!

مونِ ڪُهنبا ڦِهرائيا، ڀڳڻ ٻوليءَ ڪي
اِئن ٻيو ڪيرُ چوڙي، ڏوهيڙا هن ڏيهه جا؟

ٻگهڙ اُيري ٿا اچن، ڪارونجهر جي واٽَ
ايڏي اوچي ڳاٽَ، راڳيي وڄ نه روهه مان!

ڪارونجهر ۾ ڪيتريون، پاري ٻلائون،
اُنهن مان آئون، وڃان ٻيو وِترو.

هي جو ڪوهه ڪُٽي نه ٿو، تنهن جا ڪوهه پڙهه؟
ڪيڏي اُنِ جي ڪٿه، پار وئي پاتار مانِ!

Gul Hayat Institute

* اُيراٽو ـــ بنا جُـتيءَ جي.

پوئين ۾ وير به کٿي، ڪٿي ساهه نه پيرڙا،
روهه نه ويهي رهه، متان سج لهي وڃي!

هيءَ جا منهنجي ڏوهٽي، چوي ٿي ”نانا!
”لکين ٿو چا چا، اٿي ايڏو ساجهري؟“

هوءَ نه ڄاڻي آءٌ اڄ، سج کان اڳ ئي ٿو
۽ پو ترسان ٿو، ان جي آڌرڀاءَ لئه!

* ڏات نه ٽويي جيئن، کوهه کٽي ئي کونه ٿو،
هوءَ جا پاڻيءَ ٽڪ آ، کوس ڪناري سيئن،
ورتِ اٿهيءَ کي ڪيئن، پهچي ٿي پاتارِ ۾!

** ميان! ڇڪي چونه، پٽدين ڪڏهن تنگ کي؟
اڇا تو لئه اون، اڳتي پوئتي پاکڙو.

o ناهي منهنجي لاءِ ڇا ويندي پيلاسو؟
oo. وٺي هڪ پاسو، ڇا مان سورانگهي چڙهان؟

---

* ٽوڙيو — پاڻيءَ جي ننڍي کڏ.
ٽڪ — آرسي
ورت — رسي جا چمڙي مان ڀنا ڇيري، وٽي وڃي.
** جيڪڏهن پٺ تي چڙهڻ يا لهڻ مهل تنگ ڇڪي بدل نه
هوندو ته پاکڙو اڳتي پوئتي ٿيندو.
o اٺ تي به چڙهيل هوندا آهن ته ان کي ’پيلاسو‘ چوندا آهن.
oo ٽنگون هڪ پاسي ڪري ويهڻو آهي، ته ٽڪ نه ٿيندو آهي:
ان کي ’سورانگهي چڙهڻ‘ چئبو آهي.

گيت پيا هي ڳائبا، پيرندي تن سان پڻ ون،
ساري رات پيئون، ور ور مون سان گونجنديون.

* هي جو تاري جو وڏو، مارو ناهيو مون،
متان پائين تون، منهنجي عمر اِئين وئي!

رات ته آمڙ ڪڪڙ ڏينهن ڏرائي آدمي،
رات ته آندا مڪڙ، سپنا سڀ سائيهه جا.

** مجر ڪنهن موڙي، ڪيڏا ڪالهه پٽيا پٽي!
پو ٻه پيو توڙي، ڪوئي سگر ڪنڊ مان!

o متان پائين ٻرڪيٽا! چيڙهن ڪنڊن جيئن،
بيت سدا تو سيئن، ساڳو تن جو چانورو.

oo ڪيڏا سوئيڪا ڪنڊا، ڪانيون جن ڪاريون،
اڄ جي مون پاريون، اونده آندوڪار ۾!

Gul Hayat Institute

---

* پٽ تان چڙهڻ پا لهڻ جي واٽ، جا پٽ جي چوٽيءَ تي رستي سان وچي گڏبي آهي، ان کي تاري جو وڏو چئبو آهي.
** مجر — بهار ۾ ڪنڊن ۾ ٻور، جنهن مان پوءِ سگريون ٿين.
o ٻرڪيٽا ڪنڊا — جن جون تاريون هٿ سان موڙڻ ڪري ڀڄي پون.
چيڙها ڪنڊا — جن جون تاريون موڙڻ سان ڪونه ڀڄن.
oo سوئيڪو ڪنڊو — سؤ سالن يا ان کان وڌيڪ پراڻو ڪنڊو.

ناهي سـَمئہ آنت ڪان، اڳ ۾ ڪو وِسرامُ،
جيسين پاڻُ تمامُ، اوتين پنهنجي اوتَ ۾.

ڀـِينگهان ڪيئي پارَ جون، لـُڏن ٿبون تو لاءِ،
اڳتي وِکـ" وڌاءِ، پير نہ ساهج پنڌ ۾!

ڪارِي ڪيڙ مـَنـَهـِين، سـُرو ڪائي ڪونہ،
سا تون آڏين چونہ، واريءَ تي وڙاهَ ۾؟

آءٌ نہ پـُجهان جهتـ" ۾، ماڻ جئن ڪـَنديـَن باهہ،
صديون پيو ساڃاهہ، چڻـِتي مون ڪي چـِتـ" ۾.

* پـڪل نـِموري، جيئين هـُڙئي چهنب ۾،
باقي ڪجهہ ٿوري، عمر اسان جي ساٿيو.

** هو جي ڏنئي ڏونگريءَ، ٻـِـرَ گهاتا وڻ،
مون ۾ اِئن ڪارڻ، لاتا ڪيئي جـُهڳـِٽا.

o هيءَ جا ٻـَـٻرَ وڏ" جئن، منهنجي ڏکي ذات،
ڏِسُ تہ راتو رات، ڪيڏي گهاٽـِي ٿي وئي.

---

* هـُڙيا نموريون شوق سان کائيندا آهن.
** ننگر پارڪر کان ڏونگريءَ ڏانهن وڃبو تہ رستي ۾ گهاٽا ٻيرَ ايندا.
o ٻيرُ وڏ کان پوءِ گهاٽو ۽ ساڳو ٿيندو آهي.

* هي جي گُرسَ هزارَ، تنهنجا واريءَ مان ويا،
تن سانديِ آ سارَ، تُنهنجيِ ساري پنڌ ۾!

** آڪَواري مان ڪوهہ لئہ، ورت تہ ڻاهين ٿو،
ڪڏهن لاهين ٿو، ڪوسَ اسان لئہ اُڃ ۾؟

باقي جيڪي ڏينهڙا، جي تون منهنجي ذات،
ڪرين پنهنجي ٻات، ڏنُ نہ ڏئين ڏيهہ ڪيِ.

هو جي آدم ذاتِ، ڳهليون ناهيون ڳالهڙيون،
ڏي تون منهنجيِ ذات، ڪنُ نہ تن جي ڪوڙ ڪي.

ڇاڻي ڪيڏيون ٻيرڙيون، جهوليون ٻريون تو،
ڪيڏو نہ اونو، سائين تو سائيهہ جو!

ٿاريُن ڪنڊا ڪيترا، ڇيڙَن ڳاڙها گُل!
ڇا هيءَ ٿوهرَ ٻُل، جو هو ڦُٽو ٻٽ تي؟

هي جو ڪائڙَ ڪوهُ، ڪُٿيِ ڪُٿي ڪينڪي؛
تَتي ڏينهَن ڪَڪُوه، پاڻي اُن جو پانڌيا.

---

* گُرس ـــ واريءَ ۾ پير جڏهن اندر هليا ويندا، تڏهن جي ڪڏا ٿي پوندا آهن، تن کي 'گُرس' چئبو آهي.
** آڪَوارو ـــ آڪ مان نڪرندو آهي جنهن کي وٽي، وَرتون ۾ رسا ٺاهبا آهن.

چارڻ ايڏو سُرتِ، تنهنجي ٻُڪ لهي نٿي!
پر ۾ تنهنجي پُرتِ، ٻيءِ ڪنهن ڪي لپ جيترو!

چارڻ سُرت نه ايترِي، تو وٽ آهه پيو،
صدين لاءِ ڪيو، چڻ تو ٻيلو ٻُڪ جو!

هي جو وهَنت وجود جو، ايڏو تون نه تڪاءِ،
بس هي ڪوس چِڪاءِ، پو ويڙهي رک وَرت ڪي!

وريَ ميان، ٻرد ڪيَ ٻيهر ٻڌين تو!
ڪيڏو ورتو تو، پورهيو اِن ڪان پنڌ ۾!

وريَ منهنجي ذات، مون تي اڳ جئن تي وسين،
چنڊ نه ڪاڏي مات، جهُڙ جهاڳي نڪري پيو!

ور ور پنهنجون جهوليون، ڏيهه پري ڏيندي،
چيڙ چونديندي، ٻڌو سڄ نياڻ ۾.

روز لِڪي سوچان پيو، باقي ڏينهن گهڻا؟
ڪُپڙيءَ منجهه ڪڻا، اڃا آهن ڪيترا!

ڌرن ڏياتيون هيون، ڪلهه منهنجون واڻون،
اڄ تن اوچايون، تارن تائين آپ ۾.

Gul Hayat Institute

”اَڄ بہ اُهو آنءُ؟“ سوچيم ڏسي آرسي،
جنهن جو شهر نہ ڳانءُ، آخر تائين اجنبي.

ڏاڍو پنڌ پري لڳو، ٽرڻ ٿڪايو،
اکين ۾ آيو، اڄ ڪنجهہ ساڏوڻ سپنهن جڻن.

متان منهنجي مڏ ڪري، ڳولين ٻي ڪنهن مٽ؟
ناهي هرڪنهن هٽ ۾ اهڙي ڪانڊ ڪلال جي.

تارا ڪِري ڏي ايئن، سج اُفق تي جئن اچي!
پيالو پرينءَ ڪيئن؟ آءٌ نہ آڏورو پيئان.

آهيان آءٌ بہ توڻ، تہ پو نهارون ڇا هِن،
هي جيڪي چاهِن، تو ڪي ايڏو چاهہ مان؟

* جيڪي هيو ڪوهہ ۾، سپ نہ پيو آهي،
تيسين هڏ نہ ساهي، جيسين اندر اُوتجي.

رات رچيندي گذري، هان، هيءَ ڪؤتا ڏس،
اوجاڳيي آرس، ڪيڏو منهنجي اکئين!

---

* آهي ـــ ڪوهہ تي پاڻيءَ جو حوض. ”جيڪي ڪوهہ ۾ هوندو، سو آهہ ۾ پوندو.“ ـــ هڪ پهاڪو.

ڪِڏهن ٻيڙيءَ چانوَ ۾، تو سان ڪو ويلو!
تون جو آڪيلو، سارو ڏرُ ٽيلهين پيو،

پيو آءٌ ڏسان، اڄ تہ ٻيهي پنڌ ۾،
* تتيءَ رڳَ جيان، ٽاري-وڏو واٽ تي۔

ڪيڏا ڦُول ڦلاريا، آيو آهہ بسنت،
پر هي منهنجو آنتُ، جنهن مون ڪي مُرجهائيو!

هي جي لهرُون سمنڊ جون، سدائين گهريون،
ڪيڏو اُٻهريون، پوئين پهر اُپار ۾؟

ڏاتِ نہ اهڙو ڪوهُ، ڪٿي ڪٿي ڪينڪي!
پاندي! چڻ تہ ڪڪوهہ، پاڻي اُن جو پياس ۾۔

چڻ هيءَ منهنجي شاعِري، ڪٿيءَ تي اوٺي،
شال اچي موٺي، سِڪ اوهان ۾ ساٿيو!

ماٺي ٿو ماٺيان، اڄ ڪلهہ ٻاکِ بسنتِ جي،
چاٺي ٿو چاٺيان، پير ڪُٿن ٿي ڪونہ ٽا!

Gul Hayat Institute

* ٽاري-وڏو — گهٽيءَ اڄ وچ سان گهاٽي گاهہ يا جهنگ ۾ سنهو گس ٿهي پوندو آهي۔

نيٺ تہ ڏرتيءَ جي رِلي، هرڪو ٿو پائي،
چا لئہ گهبرائي، ڪوئي ڪنهن جي ڏاڍ ڪان؟

ٻوليءَ جوين ونُ، پوڙهو ٽيندو ڪينڪي،
آجُ بہ منهنجو منُ، سائو ساونڻ جهنگ جان.

سوٽيءَ جيئن ستهي، ڪيئي ورهيہ وجود ڪي،
ميرو من مٿهي، مون ڪي آڇيئہ اُجرو.

هُوءَ جا اُڏاڙي، چرڪيرَ چيين وانگيان،
اجهو اُجهاڙي، ڪويل پرندي ڪيترو!

پاڙيءَ ۾ پاڇو پيو، ماريل آڙيءَ جو،
ڏوران آءٌ ڏٺو، وَه ۾ ڪنڌ لڙي پيو.

هو ڪمزيءَ سان ڪيرُ، ايڏيءَ ڪاريءَ رات ۾؟
پرڏي جنهن جو پيرُ، بيٺو وڃي باک تي؟

ڏر تي ڪڪرَ ڪنٽ ۾ هَسّ هُجي ڪو جيئن،
منهنجي ڪوُتا اِيئن، اندلت ٿي اُپِرِي.

ڇا مان ڇپيءَ جيئن، ڪائي پنهنجو پاڻ ڪي،
اُپري آڌيءَ سيئن، جرڪايان ٿو جندڙيون؟

Gul Hayat Institute

چرَ جئن منهنجي چاڻ، سارو جڳ ڄرڪائيو،
پاڻُ وڃائي پاڻ، پاتو پنهنجي پاڻ کي.

ساڳي خوشبو ڏين، ڇڄي گلن گلاب جا،
وڃي آمر ٿين، ڪوڙي مرن ڪينڪي.

متان ڪاٻر لپاڙ، تو جئن سو آيا ويا!
وڏي پرڪ پهاڙ، پيرا ڪٿي پانڌئين!

بادل پرندا باهہ سان؟ جلائين ڇا ٿو؟
ميان! ڪڏهن تو، پڙهي منهنجي شاعري؟

چڙ سارو پاڻي، ساندار، ي مان ويو ڪپي،
اُڃ نہ اُجهاڻي، پنڌ پيو آ ڪيترو!

منُند سوا وڏڪار ۾، ڦيرو نہ پائين!
آرهڙ ۾ آئين، سڱر لاهڻ سانگيا!

پُلو آهين پاٽ، وڪٽي بيو وائيون،
پلا ڪنهن چمڪاٽ، وڪيا آهن وڄ جا!

آڏي آنهہ سڄاڻ، ڪنهن جي منهنجي ساهہ ۾؟
موڻ کي منهنجي ٻاڻ، سڀ ڪان ڪيو اوپرو.

Gul Hayat Institute

هرڪنهن لنگهڻ ليئي، تنهنجا پير تڪيا پئي،
هرڪنهن واٽ ڏٺي، تو لئه واجهايو پرين!

ڪوهه ڪُٺي ئي ڪونه تو، ڇڪيون پيو ڇڪ!
ڏڪيون پيو ڏڪ، وري وري وهٽ ڪي!

ڪتڻ واريون ڪيتريون، اچا آتڻ تي،
تون ئي آئٽ ڇڏي، ڪُنهن ڇاڻان ڪاڏي وئين؟

گهر ۾ پنهنجي گُنديڙي، ڇڏي وئين پوڙها!
مون ته تپيا لوڙها، پر تون ويندوئي رهين.

هين سُندر سنسار ڪي، ڪيڏو ٿيي چاهين!
او شل! آن جي تون تي، پهچيي پراهين،
جيڪر نباهين، ايڏيءَ ساريءَ سُونهن سان!

مون وٽ پيو ڪُجهه ڪونه آ، هين ڪان سوا هاڻ،
آءٌ ڪويتا ڪاڻ، سارو جيون واريو.

ڪابه گجهارت ناهه هيءَ، اڙي گهيلي!
تنهنجي سهيلي، آ چاندوڪي چيٽ جي.

ڏئي ڪائي نار، ٿُنڀي جيئن نياڻ ۾،
ڪؤتا مون هن وار، اٿين آهه سمائيو.

Gul Hayat Institute

سرءِ جي سُرهاڻ ۾، جئن مٺ ماڻو ٿانءَ،
اڄ تئن منهنجو هاڻ، ڪؤنا ۾ ڪيڏو رتو!

پيريون چاڙهي چاپيرو، جاريُن سان پيرون،
ڇا ٿو چاهين تون، جهوليون پري جهنگ ۾؟

هيل نہ سارو سالُ، ڪيڏو وسڪارو ٿيو،
پلايو آ پالُ، ڏات اسان جي ڏاهہ سان.

پاپڙيون نہ چڻين، چوري ايڏا ڏُرگهلا!
ڪيڏو جهرڪين ٿين، پوري پنهنجي پاڻ ڪي!

سارنگيءَ جو ساٿُ، پوءِ بہ ڏينديون ڳاڻٺا!
توڙي ڪوئي ناٿُ، ناهي ساريءَ نانهہ ۾؟

تون تہ نہ اُن سان آهه، تون تہ نہ آهين عام سان!
ڪاڻڻ، پيئڻ، ننڊ جو، هر ڪنهن آ سوداءُ،
تو وٽ لُونءَ لڳاءُ، جنهن جيي لهس نہ لوڪ کي.

هي سڀُ سانئيءَ رُت جون، ڳهليون ڳولائون،
هي ڇاهي؟ آئون، ڇاٿو ڳوليان ڳُجهہ ۾!

سون ڇپيو ميندي‌ءَ ڪيت ڪي ”آئي! ڦُٽي پوَ!
”مون کي ڪيئي سؤُ، رتا ڳهرجن هٿڙا!“

Gul Hayat Institute

ڪجهه به نه ناهي جندڙي، اُتي آپو تڙ!
آنهيءَ نه آڪڙ، جنهن جي نظر چنڊ تي.

وري پنهنجي پاڻ کي، وساري وينين،
جڏهن ڪان پينين، پڻءَ تي ايڏيءَ پيڙ ۾!

* او شل روز وسن، اُپري اوهيرا ڪري!
اڄ ڇڻ واٽڙين، اُڄ اُجهي ٿي ڪانهه ٿي!

اڄ به منهنجي جندڙي، راڏاسر تي رات،
ڪيڏا منهنجي ذات، تارا، تير، ترڪڻيون!

اڄ نه ڪونيٽ ڦوڪيو، ايڏي مجر سان،
ڇڻ ڇانيو اُن مان، سارو ڌرتيءَ ڇانورو!

نوڙي ڪالهه سُڪي ويا، ٿهڪي سڀ ٿويا،
سنجهي ساڻڪا، پر ڏو ڪوئي سڄ ۾!

هي جي اونها ڪُوهه، ڪُٽيي ڪُٽن ڪينڪي،
** ڪير لڳائي ٿُوهه، تن جيي پاڻيءَ ٽڪ مان!

---

* ٿر ۾ ماڻهن ۽ مال جي اڄ وڃ ڪري واٽون ٿهي پونديون آهن جن ۾ وسڪاري جو مينهن پرجي ويندو آهي.
** اونهي کوهه جي تري ۾ پاڻي ٽڪ وانگر جهلڪندو آهي. ٽڪ — آرسي.

○ ڪيڏو سيٽ ڦيري، پُوڻ پڙڪي وانگيان،
۽ ڪَنهن ڪوسَ ڪِري، من ۾ لهرون آنديون.

○○ پرهه پاڙياريون، دلا پري ڪوس مان،
هيئين کي ٺاريون، وڄن پيون وات تي.

اِيئين ڪويتا ڪئي، وري مون وٽ موٽ،
چڻ ڪارونجهر اوٽَ، هيرڻَ پيچ ڦٽي پيا.

ويروتار وسي پيو، تر بر سنهنجو نانءُ،
توڙي ناهيان آنءُ، آنءُ اِوهان ۾ آهيان.

ٽڪجي پوندينءَ تون، جڏهن سنهنجي شاعري!
مان پائيندس پُونِ، مون تي سوڙهي ٿي وئي.

اڇي ٿي اڌ رات، چوريءَ چوريءَ ننڊ ۾،
مون ڏي سنهنجي ڏات، سرڪي روز سُريت جان.

تنهنجي ساهت مان، مون سَپ ڏيپ ڪيڏي چڏيا،
ڪنڊا ڪرڙ سيان! چڏيا تنهنجي چانوَ لئه.

---

○ پُوڻ — ڪاٺ جو چڪرو يا ڪُپي.
○○ ڪوسُ — پاڻي چڪڻ لاءِ چمڙي جو ڏول.

Gul Hayat Institute

مون من چو مونجهو ٿئي، تون جو آهين گڏ،
مون ۾ تنهنجو سڏ، پير نہ ڪوڙي وات تي.

هڪڙي پوري ٿي جيئين، ٻي وائي آئي،
مون من ترائي، ڪُٺي، ڪُٺي ڪينڪي.

* وَرت وڃي جئن پُون تي، تئن مون ڪويتا،
ڪيڏا مون پيتا، امرت ـ ڍُڪ آسُور جو!

مسافر آيو، ويندو رهي راتڙي،
متان موٽايو، پانڌيڙو پرديس جو!

متان ليڪين لوڙ لئہ، مارين پنهنجي مت!
ڪوي! ڪيئن ڪپت، ڪندين پنهنجي پاڻ سان!

** چڻ ڪو يهوواهہ جو، آسُر جو آواز،
راڳي سارو راز، ڪنهن بہ پروڙيو ڪينڪي.

---

* وَرت ـــ رسي. نوٽ: ڪوهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪوس، ورت ۾ پون ڪم آڻيندا آهن.

** يهوواه ـــ توريت ۾ خدا جو نالو

Gul Hayat Institute

## (۳)

اڇو ٽر چمڪي، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي
ٿو سان ڪو جهمڪي، ڪڏهن ايندين سپرين؟

* گوري! تون گوچار ۾ اڇا ٻهڙي سان!
آهي رات اڃان، ڪاري ٽر تي ڪيتري؟

** ٻوچانڊي تي پيرَ، هوريان هلو ساٿيو!
هي جا تيزيءَ هيرَ، ماڳ نه نيندي ماڻهين.

o هي جو پيا مينهڙا، ڳارو ڏي ڳارو،
وارياسو سارو، ساڳو ٿيندو ڪينڪي.

oo ڇڏجو نه پيرا جڏهن وڃو نُونڻَ مان،
ڪيئي من ميرا چاري آهن چارڻو!

---

* گوچار — ٽڙڪول جي آمهون سامهون وارو پاسو. سياري ۾ ان تي ڏاڍي ٿڌي هوا لڳندي آهي.
ٻهڙو — هڪيئي مٿان رکيل ٻه گهڙا.

** ٻوچانڊو — (پٽ جو) آهستي آهستي هيٺاهون ٿي ختم ٿيندو آهي.

o ڳارو — پٽ جو آهو هنڌ جتان پٽ تان وهڪري سبب واري ڳري وئي هجي ۽ وهڪري جو نشان ڇڏي وئي هجي.

oo نونڻ — ٻن پٽن جي وچ ۾ ڊسڙ واري زمين جتان ماڻهن ۽ مال جو گذر هجي.

* پاساڙي ۾ ڪيترو، آخر رهنداسين؟
نيٺ ته ڪهنداسين، مٿاريءَ تي ساٿيو!

او ساٿيارا سَڄَّ جا ڪنيئه ڪانم ڪَلي!
آيو سج ُ هَلي، ڪاڙهي منجهه ڪپار. تي.

** پرين ڪائي پاڃ، اُيو پنڌ نه اُچهي!
سَهمي ساري راڄ، لانجهي لئه ليئا وڏا.

اڃا ڪجهه پرندا رهن، ڏهرن ۾ ڏيئا،
وجهي ٿي ليئا، وَر وَر باک بسنت جي.

ڪاري ٽر ۾ ڪبترا، ويندي اَڄَّ مرن،
ڪنهن ڪنهن پو به ٽرن، وريريون پون وات تي!

o روهيڙي جي رنگ جون، ٻُڪڙواريءَ تي،
ڍڪيون ڇڻ ته مٿي، لوڙيون لوئڙيارئين.

Gul Hayat Institute

---

* پاساڙو ــ پٽ جو پاسو
مٿارو ــ پٽ جو مٿيون حصو.

** پاڃ ــ ڪن پٽن تي سڌو چڙهي نه سگهبو آهي، تنهنڪري ڪنهن سهولت واري هنڌان مٿي چڙهڻ لاءِ واٽ ٺاهبي، جنهن کي 'پاڃ' چئبو آهي.
لانجهه ــ پٽ جو هيٺاهون هنڌ جتان لنگهڻ لاءِ واٽ هجي.

o ٻُڪڙ واري ــ ڪا ٻني ڪنهن پٽ جي ٻُڪڙ ۾ هوندي آهي ته ان کي ٻُڪڙواري چوندا آهن.

هو جو وڄهي واڄهه ٿو، ڇوڙيءَ ڇوريءَ چنڊ،
پينهين پٽيءِ ڪا چنڊ، اُتي ساٺوڻ رات جو.

* روهيراڙي رات، سامهون چنڊ سيتاوَ ۾،
سون ڪان پوءِ به نهڪندڙي، موت نه ڪندو مات،
جيئين منهنجي ڏات، سون ڪان پوءِ به ڏيهه ۾.

پاساڙي جي چانو ۾، متان ويهئين تون!
اُتي پيپر پٿون، متان سڄ لهي وڃي!

** آگرين ۾ آئنڻ، ڪيڏي موچ مُري!
پيو پو به پُري ڪوئي پرينءَ پار ڏي!

هو جو رڻ آڇاڳ، سرجي پيو سمنڊ جان،
ان ۾ سون جو ساڳ، ڏٺو، شال اوهان ڏسو!

*** آڪن نيرا ڦلّيا، متان سپنهن وسن،
سارو ڏينهن ڪسن، ڪاروَنجهر سان ڪڪريون.

Gul Hayat Institute

---

* روهيراڙو — جنهن پنيءَ ۾ گهڻا روهيڙا هجن ان کي 'روهيراڙو' چئبو آهي.

** آئنڻ — ڪنگرا.

*** ڦلّيا — آڪن جي نيرن گلن کي ٿر ۾ 'ڦليا' چوندا آهن.

* هي جو ويٺو پارڙو، گهانگهيتا ڪاٺي
انڪي الائي، ڪهڙا سپنا ساھ ۾!

** اڇا، پيلا گُلڙا، سرڻ ۾ سائين آڻ،
چنڊ جڻن چانڊاڻ، ريت پسائي رات جو.

ساري رات سرنهن، اهڙو ڇا سوچو پئي؟
ڪُهه ڇاٽان ڪنهن مينهن، تڙي پئي باڪ جو!

*** سارن ستيون سمنڊ جئن، ڇوليون اُترَ واءُ،
ڌرتي! منهنجي ماءُ، مون مَن توسان موهيو.

هي توري جا ڪيت، هي ڌرتيءَ سُندر مُکُ،
جنهن کي ڏسي ڏُکُ، ور ور ٿئي آنت جو!

جهڙ ڦڙ جي جهونگار، لاڙائوءَ جهي لوءِ ۾،
وسُ وسُ منهنجا يار! آيا وسڻ ڏينهڙا!

Gul Hayat Institute

آيون ڪٺي شام جو، ڪانئين جون ڪاريون،
o شفق، ريباريون، لوڙهي لوڙهي مونگهڙو!

---

* گهانگهيتا — گهانگهيتيءَ جا ڦل.
** سرڻ — ٿر جو هڪ ٻوٽو جنهن ۾ اڇا پيلا گُلڙا ٿيندا آهن.
*** سارن ستيون — سارين جي ڪيت ۾ ڪنيل سارين جا ڍڳ.
o ريباري — ٿر جي ماڻهن جي هڪ ذات.
مونگهڙو — جنهن ۾ مُنهن ڏئي گهڙجي، دروازو.

آپ ۾ نڪتي اندلٽ، ڇڻ ڪوئي ڪنمالُ
مٿان پون ميمهڙا، هيٺان ڇرِي مالُ،
ڪير ڇوي جنجالُ، آهن جيئڻ ڏينهڙا!

واري ساريڪيي ڪري، پاٿاري ناهي،
جيءُ پيو چاهي، ڪنديءَ هيٺان ليٽجي!

ڪنديءَ هيٺان ليٽجي، مٿي ڏيئي ٻانهن،
ساري ڌرتيءَ دانهن، سرتيي! اڇي ساٺت ۾.

آڌيءَ جو آڪاس ۾، ڪيڏو چنڊ چٽاءُ!
ڪٿي اوڙهي، آءُ، ٻاهر ڏاڍو وائڙو!

پاڙيءَ جا آنڇر ٽين، ويروتار وسي،
ٻيرين گاهه گسي، ڪرهين ڀا گهين ٻاجهريون!

ٽاڙو تنواري پيو، ڏيڏر ٿا ٻولين،
مور پيا گولين، ڪارا ڪڪر آپ ۾.

* جيڏيون جرهيڙي، آج جو آهي آپ ۾
مون من ڇڻ ٻيڙي، مٿان نيري سمنڊ ۾!

* جرهيڙي – چنڊ جي پڙ ۾ تجلو

ساري رات ڪٽي پئي، تاڙي ٽون ٽي ٽون،
* مينهن به ريلي ڀِئون، آيو آ آڪاڙ ۾.

تنهنجي اگهاڙپ، تتي ڏينهن سموند تي،
لاٿي واريءَ لپ، ماڻهو پنهنجي ماس کي.

سکي! مون کي سنهن، چنڊ به مون ورتو ڇڪي،
رکو تنهنجو منهن، ڏکي نه ٿو ڏول ۾.

هرڻ! تنهنجون آرسيون، واتڙيون ڪيئي،
اڃ به آتيئي، جن ۾ تنهنجا اولڙا.

پيرو ڪونه پڄن، گهر مان نڪري گهاگهرا
ڀوئين پهر وڃن، ڀهڙا ڪٽي ٻاٽ ۾.

اچي ٿو آواز، "مٿن ڪڻون پيلهڙا!"
جئين ڪوئي باز، جهٽي پکي ٽند جو.

چنبيون نه ڇمڪن، توڙي ڪاريءَ ٻاٽ ۾
ڪوهه مٿان ڦمڪن، لاهي ورت وريتڙيون.

---

* ريلي ڀِئون مينهن – جنهن مينهن سان پاڻي ريلا ڪري وهي.

Gul Hayat Institute

* ڏونر ڏيم ڪن پيا، مٿن سينڌوٽيون،
ڇڻ تن جون جُوٽيون، ڪالهه مُيون جي مورٽيون.

چُونڊي پئي چاهه مان، ميٺيرا، ميها،
چيتُر ڏر جيها، مُور نه منهنجي ڪنڌ ۾.

** جئن اولِي ۾ آڪَ، تئن تون بني اوڪڙو،
چو نه پچين ڏو ٽڪَ، لَڙِيءَ لڙندين ڪيترو؟

اڄ نه ساهِي پٽ، ڪنهن ڪونيٽ جي ڇانو ۾
ڇا تو ڪيو ڳهٽ، آڪَ اُکيڙيا ڪيترا!

اُٿي راسُون اُٿ جون، هر سان پڌائين،
ءَ پو ڇٽيائين، ٻج بنيءَ ۾ پاند مان.

ڪارونجهر جي اوٽ ۾، ميٺيءَ جي واڙي،
جنهن ۾ ريباڙي، ڳهلي پئي ڳهاڳهرو.

ويئون بنيون ريٺجي، پنهنجا ڏهر ڏسي،
پيو مُرڪ ڦِسي، لارون سُکن ڪينڪي.

---

* سينڌُوٽي – سينهون.
** اولو – ڳڙو

Gul Hayat Institute

ڏرتيءَ تي ٽيڙون اوتّجن، سانجهيءَ جو اويون،
لُٽّپ ۾ لوئون، ڳاڙهيون ٻانجهر ڪيٽ ۾

رتو شفق رنگ ۾، هرڪو ڪيٽ ڪرو،
* پيو ڪوته پرو پنءَ تان آڏري پوُنري.

’همّرچو ٽي لا‘ چئي، وريا سڄّ لٿي،
** پوري لار نه ٿي، لٽنءَ ڪانڊارن لاسيا.

ڏرتي تي ڳائي، يا هو ڏرتيءَ جا ڏٿي؟
** ’پئيو‘ ورجائي، لٽنءَ ڪانڊارن لاسيا.

o آڇي تيرن سُنيا، پرچائي ٿي ڏيءُ،
ساري هڻ جو پيءُ، ڳائي پئي دوهڙا.

ڏينپوڙيءَ سان نينگري، منگّ پٿي پيئي،
ساري سپيئي، پيرَ جا تير تيروڪٽيون.

Gul Hayat Institute

---

* پوُنري ـ ننڍو تهر وانگر پکي.

** لاسيا ـ بيگر ۾ وهندڙ.

*** ’پئيو‘ ـ ٿر جو هڪ لوڪ گيت.

o تيرن سُنيا ـ ڪڙجي گهاٽي پاٽيءَ ۾ سيڪيل ٿر وجهي سُنيا ناهيندا آهن.

جُتي پاڻي سَپرين، گھوڙو تو سنجري،
سوسُ پِلي، منجهي، اکيون پُوري آهلي.

ڪارونجهر جي پـَبَّ تي، ڏنُ ڏراڙن جو،
چٽ“ اِنهيءَ جهڙو، جيڏا! کهڙيءَ جوءِ ۾؟

آيو اوهيرا ڪري، چرڪي منهنجي چاڻ،
چڙا چنگ وَڳا پئي، پينا پئي ياڻ،
ساري رات وتاڻ، تميا چُٽاڪا ڪيو.

پاڻي پيئاري، چيلا چوڙي جهنگ ۾،
ويئي نهاري، وڻجاري جهي وات کي.

* ڏاڍي پئي توڏڪيي، اُتي آڌيءَ رات،
توڙي چـُپ چپات، چاندوڪيءَ ۾ چيٽ جي.

ڪنهن کي رهندي سارَ سا، هاڻي وهاڻيءَ؟
** ڪيريو ڪانياڻيءَ، ڏولـرَ ڏاڍو وات مان.

*** ايڏي لـُري ڀُوهه مان، واريءَ ۾ ويئي،
جنهن کان سيئي، ڦـَرڙا چڻ ڦڙڪن پيا.

---

* توڏڪي ـ توڏي (اُٺ) جو مادي ڦر، گوڏري.
** ڏولر ـــ تر جو هڪ پکي.
*** ڀُوهه ـــ تر ۾ واڙيءَ کي سيءَ کان بچاوَ لاءِ ڀُوهه سان ڍڪيندا آهن.

Gul Hayat Institute

ڏُکن ٿيون ڏونهيون، وڄن پيون واٽ تي،
* پکن جون سُونهيون، ٽڙُنريون توڙي گوريون!

** واٽڙين پرسانِ هيون، پٿوريون ٻڪريون،
ڇڻ ڪيئي ڪڪريون، ٻيٺيون هيونِ پونءِ تي.

ڪٿو جاڳيي جهوڪ تي، اوناريءَ پرسان،
آهي ڇنڊ اڄان، ڪارونجهر جي ڪور تي.

*** ويهي سڄُّ ٽِڪي، سائيءَ نمُ جي ڇانوَ ۾،
ڏاهيون ڏاس ڪٽي، ناهن پيون جيرويون.

پرسان ٽڏا ٽانوَ، ٽئي مٽان ٻاجهري،
ڏڙ تي رتو گهاگهرو، سر تي ڇُنيءَ ڇانوَ،
ڏُکيءَ ڪيڏا ڏانوَ، جيئڻ ڏنا ڏاجَ ۾!

ٽترَ ڪرڙي آپّ ۾، ٽنواري ٽاڙو،
o شال نہ اُگهاڙو، سالُ ٿئي سائيھ ۾!

Gul Hayat Institute

---

* ٽڙُنريون توڙي گوريون — اڇيون توڙي ڳاڙهيون ڳايون.
** پٿوريون — اڇن پٽن واريون.
*** جيرويي — ٿري ماڻهن جو هڪ اوڇڻ.
o اگهاڙو سال — ڏڪار وارو سال

* ڳهڻين پڻين ڏيڪڙيءَ اُڪري ڪِتڙڪائين،
ڳيچ پيون ڳائين، گڏجي ڌرتيءَ ڏيئڙيون.

وڳيءَ مکڻهار جيءَ، سارنگيءَ گهر گهر،
آن جي جهوليءَ پر، متان ائن موٽائين.

** نچيءَ نچيءَ ڏول تي، پڻهاري ڳائين،
هن ساري سنسار کي، سُر ۾ سمائين،
لُنءَ لُنءَ ملائين، ڌرتيءَ ۽ آڪاس کي.

*** توڙي ڳائن ڪجليو، توڙي جوڏاڻو،
ناهي وساڻو، ڏيئو تن جي ذات جو.

ه پيرون جهليءَ جهول ۾، ڍهُوڪا ڳائين،
سِگر جهڪائين، لئه سان ليالو چئي.

پني تا ڪيڙين، يا لابارو تا ڪين،
جڏهن ڏس جهر جهنگ ۾، آمر گيت چون،
او شل ٿريچن، گذري سال سُڪار ۾!

---

* ڏيڪري — ڏيءَ.
اُڪري ڪتڙڪائين — ڏيءَ چئبي آهي ته اُڪري ڪتڙڪائيندا آهن.
** 'پڻهاري' — هڪ لوڪ گيت.
*** 'ڪجليو' ۽ 'جوڏاڻو' — ٿري لوڪ گيت.
ه 'ڍهوڪو' ۽ 'ليالو' — ٿري لوڪ گيت.

Gul Hayat Institute

هرڏيءَ ٻچو رات جو، ٻڪريءَ ڪي ڏائي،
پنهنجيءَ ٻچيءَ گهنگهرو وَر وَرَ چمڪائي،
پيو واجهائي، آپ ۾ چوڏس چنڊ ڏي.

وڙيءَ ۾ سايو، چنڊ وڏو آ چوٽ جي،
جنهن سان ٽڪرايو، هَرڻُ سڱَ لَٽا ڪري.

اَڄ سلهاڙي تي چڙي، ساڳو ئي لاڙو —
پاڻي، آواڙو، ڍڳيون هڪٻئي پوئتان.

* گولاڙا ڦولين، ڪارونجهر تي ڪاميون،
گولون گهَرن نين، پري پانڌ ٻهاڙ تانءَ.

هي جي نِرويون، ناريون منهنجي ديس جون،
جن جي سڏيءَ سينڌ تي، لڄاريون لويون،
شال اُنهن اويون، ڪڏهن ڪونه سُڪائيين.

Gul Hayat Institute

** هي جي موگر وَلَ، پيلا پيلا گُلڙا،
تن تان ٿڌي ماڪ مون، لاتي پنهنجي ڳَلَ؛
مان سوچان ٿو پلَ، هاڻي مان ڌرتي ٿيان.

---

* گولاڙو — هڪ ول.
گولون — گولاڙي جو ميوو.
** موگر وَل — جنهن ۾ ننڍا پيلا گل ٿيندا آهن.

باک ڦُٽيءَ جو ڪيٽ مان، واجهه وجهن واٽون،
* گدريُن چيهاٽون، ننڍي وڏي وات ۾.

برڪا پنل گُلِڙا، منهنجو من موهين،
ڇا چا آڻتَ ڏِينِ، ٽر جي ٽڏيءَ ريت تي!

مري پنهنجي موت ڪان، پنتي نهاريان،
اکيون جٿن ناريان، ٽر جي ٽڏيءَ ريٿ تي!

ٽر جي ٽڏيءَ ريت تي، چانڊوڪي چٽڪي،
منهنجو من پٽڪي، موتي آيو ماڳ تي.

جهوري پٿي جانجهه، ڳائن پيا آرتيون،
** آڏيءَ رات آڳانجهه، منهنجو من ويڙهي وٺي.

*** وِرِتريُن وات وچن، ڳچيُن پائي ڪنٺلا،
ڪيٺي پانهون عاج جون، پهراڙيءَ ٻَهڙن،
ڪن ڪن گوڙيُن گورلا، ٻهڪن ڪراين،
ڏرتي! تنهنجيُن ڏيئرن، لوڏي ڪُرٽ ڪنن،
باک ڦُٽيءَ تارن، ڏيئي ڏِڪ لجائيو!

---

* چيهاٽون — ڦارون.
** آڳانجهه — قدامت، اونهائي، اڳانجهيءَ مان.
*** ڪنٺلا — ڳچيءَ جا زيور.
گورلا — ڪراين جا زيور.
ڪُرٽ — ڪنن جا زيور.

Gul Hayat Institute

ساٿي! مون دنيا گهُمي، چوندو آهي ٿرُ،
ڄڻ ڪنهن سُرڳ سماڄ آ، واريءَ تي هي گهرُ،
سانجهيءَ وير آمرُ، آهي رتيءَ ريت تي.

---

Gul Hayat Institute

کيڏو ناھہ ڏرڙُ، کيڏي ڀيٽ ڀوائتي!
لهوارو ٿي لٽڙُ، ڀوڻين نہ پاتار ۾.

* آڏيءَ رات آجهور ۾، چرپر آ ڪائي،
ٻُجهي نہ وائي، ڳالهہ ٿئي ٿي ڳجهہ ۾.

ڳجهہ نہ ڳجهو ساٿيو! جيڪي ڪالهہ ڇيوَ،
پلئہ نيٺ پيوَ، آڏيءَ رات آڳار جئن.

ڪجهہ هوريان، ديوار ڪي، آهن ڪيئي ڪنَ!
جيڪا هجي سن، سُور نہ ڪجي وائکي.

Gul Hayat Institute

ساٿي! جو بندوق جي، ناليءَ ۾ آهي،
جي ڪو ساڃاهي، لائي چڻنگ چپن کي!

انڌن کي آهين، چمڙن واريون عادتون،
اَچي پر ساهين، آخر اونڌهہ اوٽ ۾.

---

* اجهور ـــ ڳوٺ جي چوڌاري هيٺالي واريءَ زمين کي چئبو آهي.

اندا چون اِيئن، ماڳُ اسان ئي آ ڏنو،
اکين وارا کيئن، کندا تن جي راڄ ۾!

* اڄ نہ منھنجون مارُوِيڙن، گوَچِڙ ۾ ڳايون،
آيون ڙي آيون، آزاديءَ جي پيچِڙئ!

مون مان منھنجي 'مون' وڃي، تو مان تنھنجي 'تون'،
ورچي وِيڻَ نہ ٿي وِڃن، ڳالھيون اسان جون؛
تون بہ تہ آھين مون، ڏُکَ تہ ساڳيا ڏيھہ جا!

ڏکيا تنھنجي ڏيھہ جا، ماڻھو مڙيئي،
راھي ڀساڳيءَ راھہ جا، سَرِتا سڀيئي،
متان ٿئيئي، تن سان ويڇو واٽ تي!

تنھنجي منھنجي ساھہ کَي، ڳنڍ ڏني جا ڏُکَ،
پيارا سارا سُکَ، مَتَ نہ اِن ميلاپ جي.

Gul Hayat Institute

ھيءَ جا ڏاھپ ڏُکَ جي، مَتَ نہ اَن جي کوءِ،
آھي ساري لوءِ، ڇڻ کنھن ڳنڍيري ڳنڍ ۾!

جيئڻُ ڏيندا کينکي، ٻوڪي ھي جانار،
جيسين کاري وار، تن ٽيَ کندين کونہ ٻون.

---

* گَوَچَرُ ـــ تر ۾ ڳاين لاءِ چراگاھہ.

اهڙي ٻي نرواڻ ڪا، مرڻُ يا مارڻُ،
ويريءَ ڪي وارڻُ، ٻپُ نہ ڪوئِي ڏيجڙو!

هي راڻو هيِ رِيت، مٿان ساڳيا تارڙا،
چِتُ آندر تون چِيتِ، ڪٿي پُڄندو پنڌڙو!

نيٺ تہ پهتا ماڳ تي، جتيون چنڊيائون،
ڳاڙهو سجُ اُڀار ۾، مٿان ڏٺائون؛
اُنهن جيِ اکيون، ڳُجهي ڳالهه ڳالهڙي.

* آجُ اُپراٺو آءُ، واريءَ پنڌ اچا پري!
اچا وجهي ڪنبڻي، لڳ لڳ اُتر واءُ،
سر ۾ جو سوداءُ، وينِي پورو ڪونہ ٿي.

تِريڻِ ڦوڦيندا هُيا، لڦُون آڳُرئين،
پر مون پار پرئين، چڪُ سجڻ جهي چڪيو.

Gul Hayat Institute

جيسين پوي پاڪڙو، تيسين پُڄنداسي،
وڏُ اچا اڳتي، پيرُ مٿان پُٺتي ڪرين!

اِتُ بہ اسرائيل جئن، رهندو نہ رڻُ پٽُ،
جڏهن لاٿو ڳتُ، سپڪجهہ هوندو سڙو.

---

* اُپراٺو — واريءَ ۾ جتيءَ سان ماڻهو پنڌ ڪري نہ سگهندو آهي.

آزاديءَ جي چٽنگ مون، اِن ۾ بہ ڦولهڙي—
ٻارکري ڪولهڙي، جِتي جنهن مٿي ٻڌي.

پانڌي پنڌ پُنو نہ آ، مٿان ٿَڪَ پٽين،
مٿان جهَپُ جهٽين، اِيئين سَڄُ لهي وڃي!

هي جو ڪاريءَ رات کان، سوجهرڙي تائين،
مٿان تون پائين، آهہ آڪارٿ پنڌڙو! -

لُريءَ توڙي لُوه ۾، آئين ئي توڏو،
ڏئي پيو لَڪَ ۾ لهر جيان لوڏو،
اڃان نہ اوڏو، پنڌ پرينءَ جي پار جو!

ڦيري گهيري سيئن، ميان چڙهجي پيٽ تي،
سڌو چڙهيو ڪيئن، ڇو ٿو جيءُ جُهڪائيين؟

ڪنهن پُر نہ ڪنباءِ، ڪوٽ اُتاهان سانت جا!
راڙا روزُ مچاءِ، جيئين ڏاڍُ ڏري پوي!

اڇين ٿو اوناڙ، جهوڙا جهَمڪن ٿا ٻيا،
پريان تنهنجا پارَ، آءٌ لکايا لوڏ مان.

Gul Hayat Institute

* وري آجُ اُپلاڻَ، ساٿي منهنجا سُڄَ جا،
متان پڄُون پاڻَ، ورڪ. اسان جي وس ۾.

اڄڪلهه آرهڙ ڏينهڙا، نرڳ ڏئي ويا مات،
متان ٽم ٽم تارڙا، ريتيءَ ڪاري رات؛
جيسين ٿئي پربات، تيسين ڪجي پنڌڙو.

اسان تن سان ڏُکڙا، اوريون نه اوريون،
اکين آڏوريون، سارونٽيون ساٿيهه جون.

آزاديءَ کي دُور تان، ڪيسين چاهيندين؟
ڪڏهن لاهيندين، تون هي نيڙ ٻاڻ تان؟

** سنجي ويندو ساٿيو! روهيڙي وانگرُ،
گُل گُلَ ٽيندو گهرُ، ايندي باک بسنت جي.

جئن ڪونپٽ ۾ پورُ ٿئي، وسڪاري ڪان پوءِ،
تيئن آ آزاد ٿيءِ، تئن هيءَ منهنجي لوءِ،
ووءِ تريچا ووءِ، جي تون گهارين بند ۾!

---

* اپلاڻ — پاڪڙي ۾ ٽوهي اگيان چوٽڪ ۽ ان جي پٺ تان ٻه چوٽڪ هوندو آهي. چوٽڪ ۾ چڙهي رواني ٽٻڻ کي 'اولاٽو' يا 'اپلاٽو' چوندا آهن.

** بسنت رت ۾ روهيڙو گلن سان سنجي ويندو آهي، جي سونهري ـ ڳاڙهي رنگ جا هوندا آهن.

Gul Hayat Institute

واهوندا ورندا جڏهن، تڏهن ڦرندو ڦوڳُ،
ڪيڏيون جيءَ آجوڳُ، سڌون آهن سيءَ ۾!

وڪ وڪ آهن توهرن، اُپ" اُپيون پانهون،
ديس سڄو دانهُون، هيل نہ ڇڙو چاچرو.

ڪُٺا ڪالهہ ڏنارَ، ترِ ڳوڙها ڌمجي ويا،
ڏَڻ ۾ آت" ڌڪار، ڪيڏيون ڇپيون ڇاڻ ۾!

او شل آزادي اچي، چوڏهينءَ چنڊ جيان!
رهندي رات اجان، ڪارونجهر تي ڪيترو؟

او شل منهنجي ديس جا، مارو پريت وندين!
هڪبئي ويجهو ٿين، ويڇا رهن ڪينڪي!

نيٺ تہ ڳوڙو ڳٽُ، لاهي هلبو لوهہ ۾،
ٽيندو چمر چٽُ، مون تي ڪوئي چانورو!

مُلان مون ڪان هٽُ تون، ڪَروَت جا ڪوتا،
هوندا تو نوتا، تو جهڙيءَ سرڪار جا!

هُو جو ڏسان ڏور ڪان، شال ڏسان ويجهو!
ڪيڏو پنڌ پيو، آهي منهنجو ماڳ ڏي!

Gul Hayat Institute

ڪاري ڪاروڻيار جئن، مون ۾ تون سوداءُ،
اڇڙو آنهن تہ آءُ، مون ڏي ساڻوڻ مينهن جئن!

آزاديءَ ۾ چنڊُ، آهہ اڳي کان موهڻو،
چڻ هي سارو منڊُ، منهنجي مُنهن کي تو چُمي!

رات نہ ساڳي رات آ، ڏينهُن نہ ساڳيو ڏينهُن،
آزاديءَ جو مينهُن، لُڻءَ لُڻءَ ۾ لِڙون ڪري.

آزادي مون ڏي ڪَهِي، آئِي منهنجي پار،
کُهنبي وِيسَ ڪُنوار، جهڙي باک بسنت جي!

چڻ مان پنهنجي پاڻ کان، ڇني پنهنجو پاڻُ،
آهيان اڄ تو ساڻُ، مُنهنجا ڏُکِي ڏيهڙا!

”ڪنهن جو ماڻهو آنهہ تون؟“ ”آئون؟ غلاميءَ جو.“
”مون وٽ آيو ڇو، آهين پو تون اوپرا!“

مان جو اوچو آپ کان، تون ڇا چاڙهين مون؟
ڪجهہ بہ تہ ناهين تون، آزاديءَ کان اوپرا!

ٻيريون ڏيو ٻورُ، ٽاريون سڀ ٽڙي پيو!
آئي اڄ اسورُ، ڏسان باک بسنت جي.

Gul Hayat Institute

جي تون شاهه لطيف جو، سامي تنهنجو ياءُ،
ساميءَ سان سرچاءُ، نامِمڪن ناهي پرين!

ساڳي ڳالهه چئي پئي، بُلي، پٿاڙي،
تو جا لنوائي، پنهنجي پوڙيءَ ٻُوجهه سان.

ڪِرنگهتہ ڪٽا ڪنهن جاءِ تي، سرتيون ڪو سائون ؟
ووءِ، ٿري مائون، جن ڪَي ٽٽين ٻارڙا !

جڏهن جهڙ تيندا، پري رهندا ڪينڪي،
وانديون آڏيندا، اوڏا اچي سپرين.

ڏرتي رهٽي ناهه چا، او نيرا آڪاس!
اِڪويهينءَ ڪا آس، ويهينءَ صديءَ چا وريو؟

اُٺا آباڻا، پيتٺ لڳا وانديون،
پکا پرڏاڻا، وري سانگين ساريا.

Gul Hayat Institute

جڏهن پيا سينهڙا، لڏون لاهيندا،
وري آڏيندا، پکا پکن ساميُهان.

وانديون پتي آئيا، پيا وَرتِ ورجهن،
اکيون اج بہ ڏسن، هئو جي سپيان ڪوهه تي.

راتڙيون پيئون، سارن تن جا سڏڙا،
اڏري ڪلهه ويئون، ڪُوڪي جيڪي ڪويلّيون.

* ساري رات سُڪالڙا، بجيرياٺيءَ ٻارَ،
ڪيڏي پگهر لارَ، منجهي آلا رلڪا!

ڪارونجهر جي پَبَ، جهور نه تن جون جهوپڙيون!
تن ۾ ڪائي رَبَ، هو جي ڏويون ڪاٺ جون!

** ٿر ۾ ٿيءَ ڪونديون، آٿو اٿو ڪن،
مارو روز مرن، چوُنري چَوُنري ٻُڪَ ۾.

ڪَنن ناهه ولوڙَ، کيرُ پتاريُن ڇڏيو،
جيءَ وجهن جهنجهوڙَ، تن جون اونديون چوُتريون.

مانڌاڻو ۽ مَٽڪا، اڄ نه ڏسجن اکئين،
o کهڙا ڏاکوءَ ڏيڪَّ، ٻُڪَّ وسهي ٿي وانڌ ۾!

ياڙر ڪنگرا ڪوٺ جا، ويجهو ڪونه ورن،
ايڏو ڏُکَ ڏرن، پاڙي پسان ڪينڪي!

---

* سڪالڙا ـــ بيمار.
بجيرياٺي ـــ ٻانهي.
منجهو ـــ ڪٽولو.
** ڪوندي ـــ طباخ آٿي لاءِ.
o ڏاڪو ـــ ڏيڪ ڏيڻ لاءِ ٿانوءُ.

ڪوئي ڪنهن جو ناهه اڄ، هرڪو پنهنجي لاءِ،
ڪٺان چار لڪاءِ، آيا ڪانوُ آڱڻ ۾.

* نه مان اونگهه اَلَٽ، نه مون ننڊ نياڳ جي،
ٻُڪ نيساها هٿ، پير نه لهن ڪٿ تان.

ڪيڏا ابهم پارڙا، ليڙون ليڙ لباسُ،
جن مان تن جو ماسُ، ٻکي چِتيُن وانگيان!

** جانڪَرِ نه جهارو، ويٺي وريون نينگريون،
دِلا واريءَ تي رکي، ڪاڻي ڦوڪارو،
ساري وسڪارو، تڪين آيري آڀ ڪي.

مٿن رکي موتيون، ڪاڄ بنان ڪارا،
ٿري ويچارا، ڪاڻين جهڙيون نينگريون!

Gul Hayat Institute

لهريُن گهنڊ دراز تي، ڪنارو ڪوئي؟
لٿو سڄو ئي، آهي ڏينهن سمونڊ ۾.

پٿُون ٿپي ڪيٿريون، واريءَ وِڳُ ويو!
اڃا پنڌُ پيو، آهي رڻ اجهاڳ جو.

---

* اونگهه اَلَٽ — دير سان اُٿڻ واريءَ کي اُونگهه جي اَلَٽ چون.

** جانڪر، جهارو — صبح جي ماني.

توکان اڳتي آهه ڇا، تون به ته هڪڙي وک،
ڏوران تنهنجي ڏِڪ، توکان ڏور پئي ڇڪي.

اُتي اکيون ڪول، اُتي باک ڦٽي پئي!
رات ڪٿي آ؟ ڳول، ڳول رساهي ڳالهڙيون!

اُتي آسر ورِيو، ڪوني پئي ڪيتڪي،
ور ور پيني پيهه، وچي پئي واس ۾!

چڻ ڪا جيي واءُ ۾، آهي ڪنديءَ ونءُ!
اڄا ڇا سانوڻ، وسندو نه ساڏيه ۾؟

هونءَ ته ڪيڏي نرلڄي، بگهڙ ڪاري رڻ،
اَڄ جنهن جي اوگهڙ، اوڙهي رلي رات جي!

ڳنڀيل جيئن پاڻ ۾، ڪٿيءَ تاندورا،
او شل سمورا، ساٿي رهن سچ جا!

ڦولهڙيون، ٻڪريون، ڪيڏيون واريءَ وات ۾!
پوءِ به هو ڪڪريون، نيڻان نڪرن ڪينڪي.

* ڇڙسيءَ سان پاڻي ڪڍي، پريئم آواڙو،
مون من تاساڙو، واهڙ ڳولي وات تي.

---

* ڇڙسي — چم جو ڏول.

Gul Hayat Institute

ڪنهيءَ منهنجيءَ ڪيترا، سپنا ڏنائون،
تُنَّ تڪي آئون، روز ٽيان ٿو وائڙو.

نه هُو چوُنري ۾ ڪنهن راتوڪو چوُڏو!
نه اڄ وَلُوڏو نه سي وايون وانڊ ۾.

وري ٿاريءَ تي، روهيڙي جا گُلڙا!
ڪيڏو واريءَ تي، آهي رُتَّ ڦري وئي!

ڪارونجهر ڀرِ، ڪُونجَ سڀ ساوا ڪيا،
روهيڙي گهر گهر، ڳاڙها ڪيا ڳلڙا.

ڳاهٽُ ڪيڏا ڳاٽ ٿيا، سر جو ناهي سماءُ!
آهي هيل هُڳاءُ، ڏاڍو ڪُوءِ ڪلال جهڙي.

چڻ اونداهي پکڻ ۾، اونداهيون ناهن!
آڇيريون آهن، راتيون ڪويل ڪُوڪ سان.

ساري ٿر ۾ ڦهلجي، ويڙهن تي ويٺي،
ڪونيٽ سپيٺي، ويڙهيا هُڙٿي هُوڪ ۾!

ڪالهه ڏٺي سين رڃَّ جا ڏوران ٿي جهلڪي،
چولي نه چلڪي، اڳُ ڪان اڄ وڌي وئي.

Gul Hayat Institute

ڪائي گونگي گانءِ، هاٺي ناهي نينگري،
پوري گهٽ نہ پانءِ، ڏونگر ڏاري تي سکهي.

تن جي پيرن گهنگهرو، ڳچيءَ ۾ ڳانيون،
تهڙا پنيءَ پاڪڙا، جهڙيون جوانيون،
آڄ جي روانيون، سڄ روپهريءَ ريت تي.

وري ساريائون، پکا پاڌر پار جا،
چندا سڻائون، موٽي آيا ماڳ تي.

* آنيومبو آهي، رکو پڄ پلاند ۾،
متان ڪو لاهي، جر تر منجهان آسرو!

** ڪاري ڪڪر چنڊ، آڌيءَ جو آڪاڙ ۾،
هيل تہ سارو منڊ، مور نہ پاسي من ڪي.

*** سڪيءَ تي بيهي، آءٌ ڏسان تو ڏانگڙو،
اجهو پرڏيهي! آئي مند ملار جي.

---

* آنيومبو — جڏهن آڪاس جو رنگ نيرو ۽ گهرائيءَ هيٺ ڏسڻ ۾ اچي تڏهن چوندا آهن تہ ’آنيومبو آهي‘.
** آڪاڙ — آڪاڙ ۾ چنڊ تي ڪارو ڪڪر اچي ويندو آهي تہ چوندا آهن تہ ڏڪار پوندو.
*** ڏانگڙو — اندلٺ - جي سڪيءَ زمين سان اندلٺ نظر اچي، تہ سمجهبو تہ برسات ويجهي آهي.

Gul Hayat Institute

* ڪيڏي آسَرُ وير ٿيي، ٻاڏُوريءَ پَٽ ـ جهَڙا!
آرَ پٺيي ٿيي رڻ، اڄ اڄ سانوڻ مينهڙا!

تاڙو تنواري پيو، آئي مند ملار،
** ڪتيُن جو اوپار، ڇـرڪي پيو چيٽ ۾.

o ڪاچِيي مينهن اَچِي پيو، هُرِي پيو هاڻ،
سڱان پيو آڻ، لُـٻرڪا واسينگَ جا

oo ڏکڻَ مينهـَن پلي اچي، ٻوڙي ته ٻوڙي!
ٿوڙي يا جوڙي، آهي ڪامهه اڇٽي.

---

* ٻاڏوري ـــ ٻاڏوريءَ مان پـن چٽن ۽ ’آر‘ نالي ننڌ جيتري ڪارانجهڙي جيت جي ڏکي رڻ پوي، ته سمجهبو ته برسات ويجهي آهي.

** ڪتين جو اوپار ـــ چيٽ ۾ پرهه ڦٽڻ کـان پوءِ ڪتيون اُڀرنديون ته اُنهن کي ’ڪتين جو اوپار‘ چئبو آهي. اُن کان پوءِ مينهن جي مُند شروع ٿيندي آهي.

o ڪاچِيي مينهن ـــ ڏکڻ جو مينهن.

لُـٻرڪا ـــ برسات جو اهڙو بـه هڪ اهڃاڻ آهي تـه نانگ جيِ ٻاهر ڪڍي لُـٻرڪا ڪندو آهي.

oo ڪامهه ـــ اُتر اولهه جي ڪُنڊ جي هوا، جا يا ته مينهن کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي، يا تـه ساندهه ڏينهن جا ڏينهن مينهن وسندو رهندو آهي.

Gul Hayat Institute

* ڇـَنَن ڪـَڪ، اُڏامندا، اِجهو ٿي وانئـُرَ،
ڪيسين مينهنجي ڪـَرَ، ڪارو هوندو ڏينهڙو؟

** وانئـُر آپرا وڻ، ڪيڏا ٿي ڪيري وِئـِي،
ڏراڙن سان ڦِڻ، گـَـد گـَـد آهن ڪيترا!

تر ۾ ايندڙي اوچتو، ڪڏهن و ُٺي - واءُ؟
ڪيڏو تتيءَ تاءُ، آهي رڻ جي ريت ۾!

ڪڪر سُوڙ نه وِڙِڙو، ڪسر توڙي ڪسُ!
اڄ نارا ٿِيِ وسُ، روهيءَ وارا مينهڙا!

OO ڦولڙي نه ڦونهارکي، نه ڪـَـي راسو مينهـُن،
اهڙو تتو ڏينهـُن، هرڪو ساڙي وڏ ڦڙو.

سون ڏي ڪاوڙ سان ڏسن، ڪرتي ڪاٺينا،
ڪونٿي ٿيءَ ويناَ، چڙ ته ستارا رات جوا

* آکاڙ جي ڪاڙهي ۾ جڏهن ڪڪر ايندا آهن ته ڪاراڻ ٿي ويندي آهيءَ پوءِ تيز هوا لڳندي آهي، جنهن کي ’وانئر‘ چئبو آهي ۽ جا ڇنن تان ڪڪ اُڏائي ويندي آهي.
** وانئر ۾ آپرا وڻ ڪري پوندا آهن.
O روهيءَ وارو مينهن ــــ گهاٽو مينهن.
OO راسو مينهن ــــ جنهن جون ڦڙيون ننڍيون هونديون آهن.
ڦونهار ــــ سنهي بـُوند.

Gul Hayat Institute

تو بن هيءُ گرهُہ، وهُہ برابر ٻينڙي!
سون هي ڀڪو ڀهُہ، تون مون گهر موٽي اچين.

آءُ، مُسافر، آءُ! مُون گهر ماني تيي پچي،
تون بہ تہ مون سان کاءُ، تو بن ڪاج نہ اُجهي!

ڪيڏو ناهہ اُلاءُ اڄ چاڻُنڻ تي چنڊ جو!
سامهي، منهنجو ڀاءُ، موٽي آيو مون گهري.

* آسُوءَ اوهيرا، پرين شل پاسي هجو!
دور ڪڪُرَ نيرا، چندون ڇاڇر تيَ ويون.

** ڀِلُ نہ چانهُولا ڏسي، او ڳيرو ڳاڙها!
ڪتيءَ جا ڪاڙها، اَڄ بہ تُنهنجي ديس تي.

*** اَڄ بہ چِٽاڪا، سا ڳا منهنجي اَکئين،
ور ور مون واڪا، تو سارينديءَ سُپرين

ڇا هيي سارو ڪوهہ آ، ڳوڙها ئي ڳوڙها؟
ماڻهو مت موڙها، جي ٿا پيئن پياس ۾!

---

* آسوءَ جي مهيني ۾ ٽُڪرن ٽُڪرن تي مينهن پوندو آهي.
** چانهولا — چانور، جا ڪڪرسج جي اڏو اچيءَ ڪندا آهن.
*** چِٽاڪا — برسات ۾ ڇوڏرن جي ڇنن مان ڪرندڙ ڦڙا.

ڪڙو آهي ڪيڙ ۾، ڏاڙهيءَ پنهنجو پيٽل،
اڃا اسرائيلُ، نالو جنهن ناهي ٻڌو!

وڃڻ ڪاڻ ويا، آءٌ نه مڃان اوهري،
ها، ڪجهه ڏينهن پيا، مون بندر تي بيهندي.

* اي ڏيهي! مون پوکيا ڪتنا جن جي ڪيت،
توکي اهڙا بيت، پيهر ملندا ڪينڪي.

آهي جهار اڃا آتي، اڳي ڪان ٻه جهجهي،
ڪيئي ڏينهن ڏجهي، گلو آءٌ گهڻگهو ڪيو.

** ونگهي توڙي وٽ ۾ جوئر توڙي جَوَ،
مون کي کهڙي پتو، آڄُ نه آهن آئڙيا؟

آءٌ ڏسان تو پارڪر، متا مُوريُن جيئن،
ٿر ۾ ٿوريُن ايئن، سر سنڀاهيا سامهون.

*** جنهن لئه ڪا سيما نه آ، آءٌ آهو پڙلاءُ،
توڙي آيرو واڳ، آءٌ اڃان تو آپ مان.

---

* ڪتنا — تلوارون.
** ونگو ۽ وٽ — ٿر جا حصا
*** سيما — سرحد

Gul Hayat Institute

وڄن ٿا ويچار، لوڙھا ٽپي لوءِ جا،
ڪيئن ڪندين تو ڏار، آڪين ڪان ڄجي اوڏڙا؟

آيلڙي آئون، ڇا ٿو چاھيان، ڪيئن چوان!
چنڊ ته ڏنائون، پر پورا ٿي ڏَرسيني.

ڏاھو ڪوئي ڏيھه ۾ ورلي ٿئي ٿو فوت،
ڪنور پڳت موت، وڏرت ويندو ڪينڪي.

پيھر جنھن واريءَ مٿان ڦُٽڙي نه پيئي،
آڏائي ويئي، ڏکڻ اولھه جي ھوا.

وِرچيي ور ور ٿا ڏين، مون ڪي وراڻيون،
پيھا، ڪانياڻيون، ھڪليو ھڪلن ڪينڪي.

تَون جيان ڪو تَونگرو، اِن ڪان آجو ٿيءُ!
جيڏا ايئين جيءُ، جيئين جھونتو واءُ جو!

گانءِ نه ميڙي ڦر سوا، ڏُھڻ ويل لتون،
مٿان پانئين تون، ڪٽندين ساڙي ڪير ڪي!

جبسين برسي، بيھُ آپ مان لاھه ته آسرو!
گھر گھر مکڻ گيھُ، جھجھو ٿيندو جھانگيا!

Gul Hayat Institute

چٽن ٽا چٽرها، ڦرڙا هارا ڦوڳ ۾،
سنگهارؤ سرها، او شل، گهاريو ڏينهڙا ! .

ٻگهڙ آيا واڙ ۾، پڪر پيڪان ڪن،
آڃان ڏنارن، ناهن اکيون چنيپون!

* او شل تنهنجو جهيرڙو، ڪڏهن ڪونه سڪي!
ڏيندي لپ چڪي، تڪجي ٽڪجين ڪينڪي.

جئن پٽجهڙ ۾ پنکڙي، پوپٽ جيئن لڳي؛
پيو جيءُ تڳي، اڄ به ڪنهن جي آسري!

ويهو ڪونپٽ اوٽ ۾، متان مينهن پوي،
پيو واءُ چوي، ساڳيا ناهن ڏينهڙا.

تنهنجو قدُ ڪجي وتن، ٻڙڪ جڏهن ٻاڦيئه،
مون تي ڇو ٽاڦيئه، پنهنجون ڳهليون ڳالهڙيون؟

مون ۾ ور ور وسوسا، پيا ڪن لٽوڻ؛
جهوڪون نه جهٽڪن، وڏين آهي واڏرو.

Gul Hayat Institute

---

* جهيرڙو ـــــ منڊيئڙو.

* ساڳيو ڏاڀُورو، ساڳو پنڌ پهاڙ جو،
** اوناڙيءَ ڀُورو، جيڪو ڪيو ڪينڪي.

آنَ ڪي ڏسي ڪيترو، مون ٻنَ چاڪ ڪُرن،
هو جا ڪِهه ڪُرن، اُڏاٿي آڪاس ۾!

آجَ نه مڙهيُن مالَ، اڄ نه ڀونن آنيون،
*** چِروڙا ۾ لوٽيون، ڏني ٿيا سالَ،
ڪڏهن وسنديءَ ڍات تي، پيهر او ٻڪرالَ؟
آجُ ڀلائي ڀالَ، لڳهه منهنجي لوءِ تي!

پاچاريءَ ۾ جوتجي، ويو آهين تون!
مِيان، ماڻهن جون، ڪر ڪي مون سان ڳالهڙيون!

سجَّ لٿي جي سونهن چا، ڏرتيءَ ڪان آ ڏار؟
ڀِهُون ۾ پنوهار، وسائن ٿا ويريون.

سنڌڙي ويچاري، ڪالهه پٺائيءَ جئن ڏني!
آنيون اوناري، وڃن ڀيا وات تي!

---

* ڏاڀُورو — داٻلو
** اوناڙي — اونار
*** چِروڙا — ڪير ڏهڻ لاءِ برتن.

* اوهاڙو ڏيئي ڪري، پيرو ڪنيائون،
وچي لڏائون، آخر چورَ چڪارَ ڪي.

واري چڏيو مون، توسان ملڻ آسرو،
پوءِ به تون ئي تون، ڇا جي لاءِ تنوار ۾؟

مون ڪي سمجهڻ تو گهرين؟ ڏنو ناهي تو!
ڪيڏو ليڪي تو، گهايلُ ٽيٽرُ گاهه ۾؟

** تنهنجي ويڙهي ۾ آئيي، ڪُونيپاريا ڪيئي،
او شل ٿئيئي، تن مان آجي جندڙي!

*** پيئڻَ پيتلُ جيئن ڪو، نيپٽ اندو ٿئي،
ورتيي ديد ڪسئي، تو ڪان تنهنجي نظرئي.

شال نه ويريءَ کي ملي، تو جهڙو جيوَن!
سيڙين ويٺو ڏن، پنهنجي ڏرتيءَ کي ڇڏي!

Gul Hayat Institute

هيي جو ڪاهوءَ جو دڙو، اُن جيي مٽيءَ لپ،
جنهن تان منهنجا چپ، اُيري اُيرن ڪينڪي!

---

* اوهاڙو ـــ نانگ بلا جي ليکي يا وهٽ، چور وغيره جي پيري جي آڏ واڳ واري جانچ.
** ڪونيپاريو ـــ نانگ جو قسم
*** پيئڻ ـــ نانگ جو قسم.

مون ڏاهــّر جي کوپر ۾، ۾ جو پيريو جامُ،
پي پي تنهن مان عامُ، ڪيڏو آيو ڪيپ ۾!

اکيون ڪاڏي ٿيون ڏسن، اُنهيءَ کي ڏسجانءِ!
ڪيئي نعرا پانءِ، ڪاڏي ڏسن ڪونہ ٿا.

ڪارا ۽ آڇا ڪکر، اُتر اوپر ڏي،
ڏکڻ-اولهہ ۾ بہ چڙهي، پيو اُپ گجي،
آيا ڌرتيءَ تي، برڪا رُت جا ڏينهڙا.

تون ٿي پرجين گانءِ، پتاري! هين پُونءِ تي!
منهنجو پيٽ تہ پانءِ، پرجي ويندو تو ڏني.

اَڄُ تو سيج آياريو، ڏاها منهنجي ڏيهہ،
ڳيروءَ ڪانهي ريهہ، پوءِ بہ سمجهي سيج ڪي.

* پارڪا! جيئين پانءِ، وِچڙي وجي وڳا ڪي،
گوندرُ اِيئين پانءِ، سڀ کي گينواري چڏي.

ڪيڏا ساندارا آٿيي، ڪيڏيون پخالون!
پوءِ بہ ميان تون، ورتہ نہ وجهين ڪوهہ ۾!

---

* پانءِ —— اُٺ جي هڪ وچڙندڙ بيماري.

رڳو رڳون ڪونه ٽو، ڇٽ ھٽي ٽاري،
سورُ چڏي ماري، نانگ ٻلائون ڪيتريون:

* گھُگھٽن جو گھيراءُ، ڪيڏو ڪاريءَ رات کي!
ناھي ڪوبہ سماءُ، ڪئين ڇئجي ڇا ٿو ٿئي!

تيتر بچا تتريءَ، سان تا چوڳو ڪن،
پيا ڪئن نہ وڃن، ڳھلا ماريءَ چار ۾!

جيڪر رھجي اُت، پاڻ نہ پٽني کو جيتي،
ڪيڏي آھي ڪُت، ساٿي ھن ساڻيھ ۾!

گھر ۾ گھاريندي، جي تون چاھين چين کي،
مُنگھڻ ماريندي، ڇيڇڙ لاھہ نہ ڇٽ مان.

* ھيءَ جا ڏوڪر نانگ جي، اِن تي ڇرڪُ نہ پر!
ايءَ سھيتي، ڪر، اونھاري ۾ پنڌڙو.

ڪيئي پانڌي ڪٽبا، جڏھن ٿيندي وس،
پو بہ نہ ڇڏبا گس، بادل ڪونہ پلائبا.

---

* گھُگھٽ — چھرو.

Gul Hayat Institute

* جهُـڪي جهاڙولا جڏهن، پهري پاتائون،
ڪيئي ٻلائون، تن تي وٺن تان وريون.

** گدا، گورهيڙا، پدم، جمهُوڙي ۽ جهـُوڙ،
ڪنهن کي ناهه پروڙ، وهُه وراڪا ڪيترا!

هي جو سپ سراپ آ، تنهن کان آجو ٿيءُ!
جيارا! ائين جيءُ، جيئن نه ڏرڪين ڏپ ۾!

مور به ماري نانگ کي، چاهو به ماري،
هرڪو نهاري، وهُه کان آجا ڏينهڙا.

ٽيٽر ٻولي سينڍ تي، تتر ماراڻي،
تنهن کي پاراڻي، ماري چانديءَ جا ڇلا.

ماکيءَ مکيون پير تي، آيو آهه بسنت،
آخر ٿيو آنت، سياري جي سيءَ جو.

ماکيءَ ٻاڻارا، ٻر ٻر جن سان پيرڙيون!
تنهن جا ساڻيارا، آندا هيڙ بسنت جي.

---

* جهاڙولا — پيرن کان گوڏن تائين رڍ يا ٻڪريءَ جي کل مان لباس، جنهن تي نانگ جو اثر نه ٿئي.
** گدا، گورهيڙا، پدم، جمهوڙي ۽ جهـُوڙ — نانگن جا قسم.

پريا ٽِلَ ٽلاوَ، ٽيو گاهه آگوندرو،
وڻ ٽِڻ ڪيئي ٻوڪيا، ٽيا سينهن سِلاوَ،
پِرن جا پِڙلاوَ، آيا ديس وڙديس مان.

* لوڙها ٽپيي گهرڏٽي، ڌرتيءَ ۾ ٻير ڪن،
تن ڪان ٽا ڇيرڪن، راڄ مهاڇڻ ڪيترا!

** ڪيڏي آئي ڪَهه، اُجيارِي آڪاس تي!
آنڌيارو نه پَهه، ڌرتيءَ تي ويو ڇانئجي.

رَبَّ به پنهنجي ڪانه آ، ٻيي ڪان گهرائين،
هي جيڪي ڪائين، پيئي ويلا ٻاجهري.

توري ڌهسيي لُوهه ۾ ڪاڙهي منجهه ڪڙهي،
*** پيئي پو به چڙهي، چاريءَ تي آسُوندرو.

مون ڪي او اونارَ، ڇا تون نينديں پاڻ سان؟
مون ڪي آن جا پارَ، جيڪي آهه وچائيو.

---

* گهرڏٽي — ڪوئا.
** ڪَهه — ماڪڙ جا ٽولا
*** آسوندرو — ولِ، جا چاريءَ ۽ ڪنڊيءَ تي چڙهندي ويندي آهي.

’آن آهي ايمان آ‘ ۔ اهڙو پهاڪو!
اُن جو پيو ڏاڪو، پيارا، ڇا ٿو تي سگهي؟

آڄ ته ڪاڻن تا پيا، ڪِرڙن جا ڇوڏا،
آٿي نه اوڏا، مارو منهنجي ڏيهه جا۔

* هي ڪِبَريارا ڳهاڱهرا، سَرندڙيءَ واريون ڪَنَ،
مون کي ويڙهيچن، ڪَهُرا اوڏڻ آچيا۔

مان جو آڄ ڪان آهيان، ٻه سؤ سال اڳي،
مرن کي ايئن لڳي، هيءَ نه ڇڻ منهنجي ٿيءِ!

واريءَ واريا اوچتو، پيرا اُڳهاڙا،
ڪيسين مون راڙا، تو کي ڳولن رُڃَ ۾؟

ڪٿي پيرو ڪونه آ، وئينءَ تون ڪيڏانهن؟
ڏسان ٿو جيڏانهن، رائو آهي رُڃَ ۾۔

متان اچين اوچتو، مينهن ڦُڙيُن وانگر،
توسان منهنجو ٿَر، مهڪي منهنجي ماڳ سان!

اُتر-اولهه .واءُ! ٿوڙيئي ڪيڏي مينهن کي!
پيهر مون سوداءُ، بوند نه وسندي ٻَٽَّ تي۔

* ڪريارا — پٽ جا، نفيس۔

جيڪي مون سان ڪالهه، پنهنجي جو ڀُونءِ تي،
ڪيئن ٽ ڳائيندا هيا، ڪٽڪائي ڪڙتال،
تن ڪٿن ايڏا سال، ڳُونڌر منجهه ڳنوائيا!

جيت وريءَ تي گيت جي، ڳايو ڙري ڳايو!
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، جيڪر ورجايو،
سُرُ، جو سمايو، ڀُور نه ڪاري پڪ ۾.

سهسين ٿيا سال، بوند نه برسي ٻٽ تي،
ڳايو، آئيءَ اوچتو، ٻهه ٻهه ڪروال،
پرڄي ويا بود ۾، مارو توڙي مال،
پارائي ٿي اندلٽ، ڪڪرين ڪي ڪنمال،
ڏنءَ ڌراڙن ڪان پڇو، اُني جا احوال،
نيٺ ڀلائي ڀال، آيا مينهن ملير تي،

پڌر پيئي پٽ، ڏيئي نڪري روشني،
اُن ڪي ڏيئي وٽ، موُر نه موتائي سگهي.

وري وڏيئه جهُلّ، آڌيءَ رات اماس جي،
ڇا هيءَ تُنهنجي ڀُلّ، يا تون سونهون وات جو؟

هي جو تنهنجو پاڪڙو، اِهو ڇا ڇاڻي،
ويندو سپاڻي، چڙچڙ ڪندو چاچري؟

Gul Hayat Institute

ماڳ نہ توڙي ويجھڙو، وڻان تہ وهلُور،
پرين تنهنجو پُورُ، مون ڪي رکي پنڌ ۾.

پاڻَ بہ اِيئن جيءُ، جئن ٻيءِ ڪي جيئڻ ڏئين!
پکيءَ پئڊُ نہ ٿيءُ، متان نارِ نهوڙئين!

جئن ايندڙِ ئي مُنهن ڏسن، منهنجي گهر سَرِها،
آچن ٿا ڪَرها، ڪِرَهہ نہ ڪر ڪامڻي!

هرڪو مٺيءَ موٺڙو، هرڪو ڏينهن بہ چار،
پوءِ بہ هاهاڪار، ڏاڍا وجهن ڏيهہ ۾!

پوئين ويرَ اچي وئِي، پوري نہ ٿي سَڌَ،
آءٌ اُئين ئي آڌَ، مُئي شال سڄو ٿيان.

آچا ڪنهن تہ ڏٺي نہ آ، اُن جي ريٿِي رُوءِ،
پر مون رت جي بوءِ، آچي پئِي واءُ مان.

ڏسان ٿو هاڻي، آءٌ اُنهن جا اولڙا،
جيڪي سُياڻي، جيڏا ايندا جُوءِ ۾.

ڏسِي چوندو ڪيرُ، ساڳِي آهي سنڌڙي!
اِن ۾ ڦندُ نہ ڦيرُ، اوڏو آهي اڄپو.

Gul Hayat Institute

ٻوريون، ٻوڙا، ڪرڙ، ۽ خرزينون ٽِن جون،
هو جي ويا رڃ ۾، ڏِڪ نہ ڏنائون،
سوچي، جن کي مون، واريو ٽڏي ساھ سان.

ساري رات، سکيءَ ساري کي سانگيئڙو،
ساوڻ ٽيج رکي، لڏي پئي پينگھ ۾.

سدا اکين، آٿُڙي، غريباڻي روءِ،
اميراڻيءَ کوءِ، لنگھہ نہ پنهنجي ليک ۾.

سڏ نہ ڏيان سرڪار کي، مون جئن کا سرڪار!
منهنجي ڪند ڪپار، چانئٹ کا آهڙي چمي!

آءٌ اِئين آزاد، جئن هو پنڇي واءَ ۾،
پر تون مون کي داد، مور نہ ڏيندين جيئري.

متان راھ ڏسي وڃن، پٺ تي ڪيم نهار!
تن کي تون ڏيکار، آڏيون ڪري اکيون.

ڪارونجھر تي باھڙي، وساڻي ناهي،
ڪنهن ڇاتو آهي، ڪڏهن مچ مچي پوي!

ڪارونجھر تي باھڙي، هوءَ ڪنهن دُکائي؟
آڏيءَ جو آئي، جنهن سان ڇاڻ ڇرات جئن!

Gul Hayat Institute

اڄ ٻہ سارِن ٿا آهَا، واريءَ تي ولهارَ،
چڙن جي ڇينگهارَ، ڪلهہ جنهن من موهي وڌو.

دل تي پٿرُ رکُ، روءُ نہ ايڏو روئڻا !
دل، جا ڪوئي ڪکُ، ڪنهن تي سهي ڪاٻہ ٿي.

آڌيءَ رات اُماس جہي، وڃين ٿو ڪاڏي؟
هتو گهوڙي تي، وري تو آهي وڌو!

Gul Hayat Institute

اجان تنهنجيءَ جوت سان، روشن هي ڳڙ کيون،
پر جي بند ڪيون، مون هي اکيون اوچتو؟

ڇا مون کان پڇو آپ ۾، ساڳيا ستارا؟
ساڳيا نهارا، ساڳي جهرمر جوت جي؟

* ڪري پيو ڇهنب مان، پکيءَ ڪانڪ ڦل،
اڏريو ايئن آجهل، ڏورانهين ڏهڪار ۾.

آڪٽ آهه آڪٽ، سپنو هن سنسار جو،
رڳو هڪڙي وک آ، تارن جو جهرمٽ،
ايڏو ڳوڙهو سٽ، ڪتي ڪتيان ڪيترو!

Gul Hayat Institute

هو جو تنهنجو 'تون' هيو، ملندو جي، تہ نہ 'تون'،
تو ۾ منهنجو 'مون'، لوچي پيو لوچ ڪي.

! اڳتي کان اڳتي وڃان، اهو ٿو چاهيان،
سان تہ رڳو آهيان، پانڌي تنهنجي پنڌ جو.

---

* ڪانڪ جي وڻ ۾ ڳاڙها ڦل ٿيندا آهن.

اڃان اڳتي آنھ، مون کي اڃا ويجهڙو!
ڇا تون ساڳيو نانھ، جنھن سان منهنجو پريتڙو؟

توسان اِيئين روبرو، ننڊ ۾ منهنجي جاڳ!
تون جو منهنجي آڳ، ڇپيون ڇاڻ آڇاڻ ۾.

پيرن هيٺان تون، تون جا چوڏهينءَ چنڊ جئن!
ڪئن تون تاڻي پئون، سٽينءَ چادرَ وانگيان!

ڪجھ به نه هن ڪان پوءِ آ، پوءِ به اِتيئي،
اِتي سپيئي، جي مون گھاريا ڏينهڙا.

ڪالھ ته مونَ سان گڏ هيا، ’سرمد‘ ۽ ’دارا‘،
جن ڪان آڌارا، ورتم پنڪ پسار جا.

مان ئي نيرو آپُ هان، مان ئي ستارا،
ڪئن ڇئجي پيارا، آهي ڪيرُ آڌار ۾!

آهيان ڙي آهيان، مان ئي ساريءَ سونهن ۾!
اِئن نه ڇئو ناهيان، متيءَ جي مانداڻ ۾.

مان ئي پيلو پنُ هان، مان ئي واڇوڙو،
مون من ويسوڙو، پاڻَ سمايُس پاڻ ۾.

Gul Hayat Institute

روهيڙي تي واءُ ۾، ڇڻ ڪو ٽڏو ساهُہ!
ڪهڙو رنگ نباهہ؟ نيٺ ملهي بيرنگ ۾.

* پرڪرتيءَ پيلاڻ ۾، ٻائُوريءَ جو ٻُور،
مان ويجهوئي ڏور، توسان تنهنجي وات ۾!

هُو مندر جي ڪلس تي، آيو چوڏهينءَ چنڊ،
ڇڻ هي سارو منڊ، ڪنهن جي پوڄا ٿو ڪري!

مون ڪي منهنجي ذات تون، ننڊ ڪرڻ ڏيندينءَ؟
ڪڏهن ڇڏيندينءَ؟ ٿوري آڪ لائي ونان!

نيٺ ته نيبهہ ڪونہ آ، ڏانُ هجني يا ڏنّ،
هي جو ڳنڍيءَ آنّ، ڪنهن سان هلندو ڪينڪي.

تُنهنجو سپنو ٿي وئيي، مُنهنجي ساري جاڳ،
پير نہ روڪيا ماڳ، آءُ اُئين ڏي پنڌ ۾.

سُپنو سُپني ساڻ ڀُوُن، آهيون ڇڻ تو مان،
راتيون اِئن تو سان، مون گذ گهاريون سُندري.

---

* ٻائُوري ـــ ٿرُ جو هڪ وڻ جنهن ۾ پيلي رنگ جو ٻور
ٿيندو آهي.

Gul Hayat Institute

تون جا ساپيا ننڊ ۾، جاڳ اندر سپنو،
توکي ڳوليان ٿو، آڌيءَ اُٿي ننڊ مان.

تون جا منهنجيءَ ننڊ ۾، تون ئي آهيان مان،
تون ڪنهن سپني جان، مون مان مون ۾ ٿي جُڙين.

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جهي، تيز وڏي باهوڙ،
ڪٿيون هيٺ ڪروڙ، هيءَ آتاهين عرش جان.

چنڊُ مٿان آ چوٽ جو، هيٺان هرڻ سڱ،
لرزن پيا لڱ، منهنجا کهڙيءَ ڳالهه تي؟

هيٺان روپي ريت آ، مٿان آڇائي،
ڪيڏي اِڪائي، آهي هن سنسار ۾!

* مالهاري وڻ ٿي پيو، پولڙيون پولي،
دروازا کولي، ڪنهن اونهي اسرار جا.

ڇا تون روز پُڌين نه ٿو، مٽيءَ جا واڪا؟
ڪاڪا، ڙي ڪاڪا، ڪيڏون ننڊون تو ڪرين!

هرڻي ڦاٿي ڪوڙڪيءَ، اُن جو سارو درد،
ڪيڏو ناهي زرد، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي!

---

* مالهاري — ٿر جو هڪ پکي.

Gul Hayat Institute

هرڻي، ڦاسي ڪوڙڪيءَ، ڪيڏو ٿي ڪڻڪي!
پٽ نہ ڪا پڻڪي، سانت وسي سنسار ۾!

مان چاهيان ٿو، چنڊ کي رات لڙيءَ لاهي،
سڀ کي وراهي، ڏيان مانيءَ ڪُنَّ جئن.

جهڙو آءٌ سمائيو، پنهنجي وائيءَ چنڊُ،
اهڙو سارو منڊُ، ڏسي ڏسندو ڪينڪي.

ڪيئي بار گُسي وئي، مون کان سُواري،
آئي مون باري، مون کي ننڊ کڻي وئي.

هو جو وهٽ ويو پٺي، اُن تي وڃان ها!
ساهي پيچان ها، ڪارونجهر جي ڪور تي!

ڇا هي مُنهنجو رٿ هو، آديءَ جو آيو،
جنهن کي موٽايو، ڪلهہ مون جاڳي ننڊ مان؟

ڇا مان اُهوئي، وَرت وڌي جنهن کوھ ۾؟
سارا پڻڪا پُونڻ جا، پڌا جنهن، سوئي؟
جي مان پيو ڪوئي، ڪنهن ٿي پيتو پياس ۾؟

ڇا مان ئي آهيان، چاندوڪيءَ ۾ چنڊ جي؟
پر جي مان ناهيان، ڇا آهي سنسار ۾؟

Gul Hayat Institute

اِن ڪان پوءِ لڳي پيو، اونهو انڌارو،
ڇا، منهنجو ڇارو، اڳتي ويندو ڪيڏانهن؟

ڪيڏي اونهي ’ڏانهن‘، هن ساري سنسار ۾!
’آنهن‘ به ڪهڙي ’آنهن‘ وسيهر جي وٽ ۾!

ڇا ڪو ٻاهر آئيو، آهي اُن مان ويرُ؟
ڏيرُ به ڪهڙو ڏيرُ، هن اُونهي اوڙاهه ۾!

ڇانڊوڪيءَ ۾ ڇپيٽ جي، ڪوئي ناهه قرارَ،
نه ڪي موت نه پيارُ، ڪجهه به ته نه ٿو آڏُڙي!

ڇا ڇا ڳولي ننڊ ۾، دنيا آپيا ڳيڙي!
هرڪو رمي راهه تي، سپني مان جاڳيڙي،
پيُنءِ پاري ساڳيڙي، ساڳو سچ ڪپار تي!

هي جو اونهيءَ ڪنڌ ۾، آلاڻي ڇاهي،
اُنهيءَ ۾ لاهي، ڏسان پنهنجي پاڻ کي؟

ڇا هي پنهنجو پاڻُ آ، سچ پچ پنهنجو پاڻُ؟
ڇاڻُو اُن کي ڇاڻُ، ڇاڻَ نه جنهن جي عام کي!

جهڙ هيو يا اُبرڪو، ڪاڙهو هو يا سيءُ،
مون آندو پنهنجي ڳريءِ، توکي ڇئي ”جيءُ“،
ءِ پو ڇيو، ”پيءُ، آمرت آدجڳاد جو!“

Gul Hayat Institute

ڇُوڙا ڪُوڙا ڪڇ جا، ڳولن ڪرايون،
جيڪي سمايون، آڌيءَ جو اوڙاهه ۾.

اڃان ٻون اوڙاهه ۾، گهڻو گهُوريندا ئين؟
اکيون پُوريندا ئين، ڪڏهن پنهنجي انت تي؟

وينو آهين وات تي، آڌي آڏاڻو،
هر ڪنهن لاڏاڻو، هرڪو لڏي لوءِ مان.

ڇا ڪنهن سُگهڙ سمجهه سان، اُن کي سُلجهايو؟
ڳجهارت پايو، هرڪو ويو ڳُجهه ۾.

ڪاڏي ٿا ڪاهين، ستارا، سنسار ۾؟
ٽوٽا، ڦيٽا، ٽوٽڪا، ماڻهوءَ کي آهين،
ڏاها ڏسُ نه ڏين، اونهي جي اسرار جو.

وڃو ٿا ڪيڏانهن، تارا اڳتي اُپ ۾؟
مون کي به ٻڌايو، آڌيءَ رات اُماڻيو.

Gul Hayat Institute

ڪنهن به نه ڄاتو ڪونه آ، اڳتي ڇا آهي!
هو جو ڪارونڀار آ، ڪاڏي ٿو ڪاهي،
آزلَ آبدَ وچ ۾ تي، پيٺو ڇو ناهي!
ڏسُ نه ڪنهن ڏاهي، ڏنو اِن اسرار جو.

هي ڏي هڪ ماڻداڻ آ، يا ڪيئي ماڻداڻ؟
ڪائي ناهي ڄاڻ، ڪنهن کي ايڪَ آنيڪ جي.

---

# نظم، گيت ۽ وايون

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

آ رات لڙي اونار اچا
تن لاءِ پٿن ۾ ڳولن ٿا،
جي ڪالهہ گيرڻ مان نڪري ويا
۽ پنهنجو رستو ڦولن ٿا.

هُو آهن تن ”جا“ چنگ چڙا
جي تارن وانگر ٽمڪن ٿا،
هُو جهاپا جهوڙا. واريءَ تي
جي جهونجهڪڙي ۾ جهمڪن ٿا.

ڪنهن وقت لُريءَ جي لهرن کان
هو پنهنجا چهرا ويڙهن ٿا،
ڪنهن وقت ڏجهايل ڏاگهن کي
هُو هوريان هورياڻ ريڙهن ٿا.

اي آزادي! اي آزادي!
تون ڪيڏو ڏور لڳين پيئي!
هر اُڃ سهي هر بُک سهي
تون ايڏو ڪيئن ٺڳين پيئي!

ڪنهن وقت اچانڪ تون ايندينءَ
ڪا سڄ سُنهري شال ڏکي،
تلوار هوا ۾ لوڏيندي
۽ لوئيءَ هيٺان ڍال ڏکي.

Gul Hayat Institute

●

ڪنهن ٿوهر هيٺان واريءَ تي
وسرامي آهيان رُوڇهَه جيان،
ڇڻ سارا درد زماني جا
مون دور هٽايا ٻوجهَه جيان.

هن ڌرتيءَ تي ڏُک تاتيندڙ
ڪجهه پنهنجا ۽ ڪجهه دنيا جا،
ڪئن عمر اُڏامي ويئي آ؟
انسانَ ڪڏهن ٿيندا آجا؟

ڪو سُک جو ساهُه به ڪٿيو يا
اِئن گهنڊي گهاٽُه مري ويو؟
هي جوش اجايو آهي ڇا
ڇا مٽيءَ هيٺ ٺري ويو؟

يا گيت ڪڏهن جولان ڏئي
ماڻيندا ماڳُ اسان ڪان پو؟
۽ وسڪارا ٿيندا ٿَر تي
۽ ڦِرندو ڀاڳُ اسان ڪان پو؟

---

Gul Hayat Institute

●

اي ديس! ڪڏهن تون آڻيندين
انبار گُلن جا مٺيءَ تي؟
مان اَڄ ۾ ڏسان ٿو پائيندين
جي هار گُلن جا مٺيءَ تي.

جنهن وقت نه هوندس آءٌ تڏهن
تون منهنجو قدر سڃاڻيندين،
پر پوءِ ۾ دعا آ منهنجي تون
سُک آزاديءَ جا ماڻيندين.

مان هونءَ ته تنهنجو راڳي هان
پر اڄ ڌاڻين جو ڳايو آ
مون اُن ۾ ساري ڌرتيءَ جو
چِٽ پورو ڏُک سمايو آ.

Gul Hayat Institute

تون نيٺ ته مون کي ڳائيندين
۽ مون ۾ پاڻُ سمائيندين،
۽ مون جئن پنهنجي سيني سان
ساري ڌرتيءَ کي لائيندين.

تون راويءَ کي ۽ ائين ڏسندين
جئن پنهنجي سنڌو دريا کي،

۽ سڀ تي نيٺ وسائيندين
تون منهنجي ساريءَ بر ڪا ڪي.

هن ساري ننڍي ڪند مٿان
تون بادل وانگر ڇانوَ ڪندين،
۽ رَڪَّ مدائيءَ جي ميڻي
تون اُجرا سارا هانوَ ڪندين.

———

Gul Hayat Institute

●

ڪيڏو نہ هوا جو شور هيو
ڇا ڇا چيز اُڏامي ويئي!
پو بہ ڪٿان ڇڻ مولسـِريءَ جي
آجُ سُرِ بہ سڳنڌ اچي ٿي پيئي!

سرحد پار ڪنڊي گاڏيءَ ۾
پُراسرار خموشي آهي،
ڪائي سار ستائي پيئي
جنهن ۾ ڪا مدهوشي آهي!

انسان ڪڏهن پنهنجي وچ ۾
ڪيڏيون ديوارون ڏاهن ٿا،
هو پنهنجو ڪوٽُ نہ پرکن ٿا
ڇا سوچن ٿا ڇا چاهين ٿا!

Gul Hayat Institute

* پر مولسـِريءَ جي خوشبو کي
ديوار نہ ڪائي روڪي ٿي،
سا خوشبو هرڪنهن جي آهي
ڇڻ ماڻهوءَ کي سا ٽوڪي ٿي!

---

* مولسـِري ـــ خوشبودار وڻ

تاريخ جڏهن سؤ سال وڏي
پٺتي ڏانهن نظر ڊوڙائيندي،
ڇا ڇا سُور ڪتا ماڻهوءَ جي
تنهن کي اُن وقت نظر ايندي!

ماڻهو ڪنهن وقت مرون آهي
۽ هو ڪنهن وقت فرشتو آ،
ڇا هو نيٺ اِهو سوچيندو
ڇا لاءِ چئو هُن رشتو آ؟

ڇا لاءِ چئو هُن رشتو آ
رشتو جو صدين ناهيو آ،
ماڻهو ڪيئن ڏڪاري سگهندو
هن جو ٻه جُڳن کان چاهيو آ!

———

Gul Hayat Institute

●

هِن آپگهات ڪان بهتر آ،
هو ٽوڪي ڦاهي چاڙهن ها،
ڪنهن گهاڻي ۾ پيڙائن ها
ڪنهن تيلَ ڪڙهائيءَ ڪاڙهن ها.

ٿو موت اچي هر ماڻهوءَ تي
پر هرڪو ننڊ نہ ماڻي ٿو،
۽ هرڪو ساري جيون کي
نہ وَرِي سپني سان واڻي ٿو.

تون موت ڏسي گهٻرائين ٿو؟
هي تنهنجو انت تہ ڪونہ آهي!
بس ٿوري ساهي پٽڻي آ
جي ڪوئي اِن کي ساچاهي!

هو ٽوڪي ڦاهي چاڙهن ها
تون ساهہ پٽين ها سُوريءَ تي،
۽ چنڊ هلي ها توسان گڏ
جنهن وقت وڃين ها ڊوريءَ تي.

هي چُونڊَ تہ تنهنجي وس آهي
ڦاهو تہ سٺائو آهي ميان!
جنهن آپگهات جو سوچين ٿو
ڪيڏو نہ اٽائو آهي ميان!

———

●

جنهن وقت اُٿي يلغار ڪري
هو آزاديءَ ڏي ڪاهيندا
هي ڪوٽ ڪروڙين ماروئڙن
۽ مارو گڏجي ڊاهيندا
هو نيٺ ته توکي چاهيندا!
هو نيٺ ته توکي چاهيندا!
اي آزادي!
اي آزادي!

هي جيئڻ ڪهڙو جيئڻُ آ؟
هو ڳاهڻ سدا ته نه ڳاهيندا!
هو ڍور ته ناهن، نيٺ ڪڏهن
هو ٻُوٽاڙين کي لاهيندا!
هو نيٺ ته توکي چاهيندا!
هو نيٺ ته توکي چاهيندا!
اي آزادي!
اي آزادي!

Gul Hayat Institute

اڄ هڪُ هزارين ٿي ويو آ
ڪنهن وقت ڪروڙين داهيندا،
هو سارو سچُ چئي ڏيندا
۽ اهڙو ساهس ساهيندا،
هو نيٺ ته توکي چاهيندا!
هو نيٺ ته توکي چاهيندا!
اي آزادي!
اي آزادي!

هو لال قلندرَ تي ايندا
۽ سنڌڙيءَ کي ساراهيندا ،
۽ ميلا منهنجي مٽيءَ تي
لائي، هو لاڏا ناهيندا،
هو نيٺ ته توکي چاهيندا !
هو نيٺ، ته توکي چاهيندا !
اي آزادي!
اي آزادي!

Gul Hayat Institute

توکان پوءِ به بارش ٿي آ
برکا جي رُت آئي آهي
قوسِ قزح جي پانهنّ ۾ پر
اڄ ساڳي رعنائي ناهي.

توکان پوءِ به مهتابيءَ ۾
محبوبيءَ جو جادو آهي
توکان پو به گُلاب ٽڙن ٿا
تن ۾ ساڳي خوشبو آهي.

پو به اُها خوشبو ته نه آهي
جا تنهنجن رخسارن ۾ هئي
جنهن ڪيئي ڳجراۓ واسيا ها،
ڪلهه جا تنهنجن وارن ۾ هئي.

توسان آءٌ جواني پنهنجي
ڳوليان ٿو ته به ڪانه ملي ٿي،
ڪاهڪشان جي راهگذر تي
مان پيانيان ڪا چيز ٽلي ٿي.

تن ۾ تنهنجي رُويا آ ڇا
هو جي دور ستارا آهن؟
لهرون لهرون وار هوا ۾
پياري! ڇا هو تنهنجا آهن.

Gul Hayat Institute

بسنت جي رُت اچي وئي آ
پرهه ڦٽي موتيا ٽڙن ٿا،
ڀونر مڙن ٿا.
اڳي به اهڙي سڳنڌ مون کي
بسنت رت ۾ جڏهن ملي آ
ته مون اُتي آجيان اُنهيءَ جي
نئين نئين گيت سان ڪئي آ.
خبر نه آ پر
ڪڏهن ڪڏهن ڀر
بسنتَ جو هيلَ آ هوا ۾
اُنهيءَ ڪان چرڪ چو ٿئي ٿو؟
گُلابَ ڪوئي جڏهن ڇني ٿو
ائين لڳي ٿو
ته گردنيون ڪيترين گهٽيءَ ۾
لتاڙجن ٿيون اجان مٽيءَ ۾
بسنت جي ويلَ آ، هوا ۾
مگر اُداسي رچي وئي آ.

Gul Hayat Institute

●

[سوات جي واديءَ ۾]

دور چنار مٿان آيو آ
ڳوُرو ڳوُرو چنڊ هوا ۾
ڇاجي لاءِ تڪين ٿي ايڏو
نڻ ورني تون ڏُور فضا ۾؟

ٽاريءَ ٽاريءَ ٻاري ٻاري
سيب درختن ۾ لڙڪن ٿا؛
تنهنجي دل ۾ ڪهڙا جذبا
نڻ ورني هـَر هـَر ڌڙڪن ٿا؟

ڪيت ڪيت ۾ سنگ ٽڙن ٿا
نهر انهن کي پاڻي ڏي ٿي
ڌرتيءَ جي سوغات ڏسي ڇا
تو ۾ ڪائي لرزش ٿئي ٿي؟

نڻ ورني تون ڇا ٿي سوچين
سوچي ائين شرمائين ڇو ٿي؟
پاڻيءَ ۾ پـَٿر اُڇلين ٿي
ڳالهه لنوائي ڳائين ڇو ٿي؟

---

Gul Hayat Institute

●

## چغل

ڪنهن دوست مٿان ڪنهن دشمن وٽ
هو چغلي ڪائي آيو آ
۽ ٻيءَ تي ڳوڙهو ڳت ٿي وجهي
هن پنهنجو پاڻُ بچايو آ.

ٿو رات رمي هو چوٻڙ جيان
۽ چنڊ ڏسي چِڙُ ڪائي ٿو؛
ٿو ڪيڏو مُنهن ۾ گهنڊ وجهي
جي ڪوئي پنڇي ڳائي ٿو.

جنهن وقت به پنهنجي دشمن وٽ
هو پنهنجو پاڻُ وڃائي ٿو،
واسينگ اچي ٿو ڪو آيري
۽ هُن جو اندر ڪائي ٿو.

Gul Hayat Institute

هُو آزاديءَ جو ويري آ
هُو جو ڪِين پل ۾ گهاري ٿو؛
ڪنهن وقت اجل هن لاءِ اچي
تنهن ڪِين پَل ڪي ميساري ٿو.

هي هُن جو لاش پيو آهي
جنهن آزاديءَ کي واريو آ

تِي هُنَ ڪي ڌرتي جاءِ نہ ڏي
آڪاسَ مٿان ٿوڪاريو آ.

آزادُ رهِي بہ تہ مرڻو آ
پر اهڙو موت آبد آهي
اي دوست! جياپو ڪِن پَل جو
ڇا جي آهي، ڇا جي ناهي!

Gul Hayat Institute

●

هيءَ اَس جيئاپو آ پيارا
جو ٿڙڪو آهي غنيمت آ؛
ٿي سرد سياري- رات اچي
بس ٿورو وقت حرارت آ.

ڪائي به بقا اِن کي ناهي
هي گهرڙو واريءَ جو آهي،
ڪنهن وقت هوا جو ڪو جهوٽو
اِن گهرڙي کي ويندو ڈاهي.

اِن گهرڙي ۾ هي منهنجو من
ڪنهن ڪويل وانگر ڳائي ٿو،
اڌ رات اَٿي نيري نڀ ۾
هو سورج لئه واجهائي ٿو.

ڇا اڳ ۾ هو اُڏري ويندو؟
يا منهنجو ساٿ نڀائيندو؟
جيسين جهوٽو تيز هوا جو
اِن گهرڙي کي ڈاهيندو؟

Gul Hayat Institute

●

جي هي منهنجو ڏيهہ تہ مون تي
پهرا ۽ بندوقون ڇو؟
جي آهيون آزاد تہ پو هئن
قيديءَ وانگر مان تون ڇو؟

آ هيڏو ڏهڪاءُ پيلا ڇو
هو ڪنهن کي هيسائن ٿا؟
تو کي هو خاموش ڪري ڪئن
روز ترانا ڳائن ٿا!

آءٌ اُنهن جو ناهيان، ناهيان،
ناهيان، مان ورجايان ٿو
آزاديءَ جي رستي تي مان
اڄ بہ وِکَ وڌايان ٿو.

شاهي رستو دور ڇڏي مون
جهاڳيو پنڌ پهاڙن مان
هو جو سوڙهو لڪ وڃي ٿو
دور انڌيرن لاڙن ماں.

اِن تي منهنجا پير وڌن ٿا
نيٺ تہ ايندو ماڳ ڪڏهن.
پوءِ سدا تہ نہ رهنو آهي
نيٺ تہ ڦرندو ڦاڳ ڪڏهن.

Gul Hayat Institute

●

## گيت

تون جي سمجهين مام ۾،
* ملبو آدِي گام ۾.

** تولئہ تڪي ڪاسبو
ويني ڪئن وسرام ۾!
ننڊ ۾ ڪهڙي تو بنا
آءُ ڪٿي آرام ۾.

مون مان نڪري اي پرين
ڳالهہ پڳي آ عام ۾.
هرڪنهن ڏٺو رات کي
چندرمان جي سام ۾.
ڪارونجهر تي چنڊ ٿو
لڙڪي ڪونيٺ ـلام ۾.
——

---

* آدي گام ۾
** ڪاسبو— ڪارونجهر جي ويجهو وَسنديون.

Gul Hayat Institute

## وائي

ديس منهنجو آهه هيءُ
ناهه تنهنجي پيءُ جو.

اُڃَ ۾ منهنجهي ڪليءَ مان، جي پيئڻ چاهين ته پيءُ!
تنگ هان تومان، جئڻ جي ڪونه تون چاهين، نه جيءُ!
رُڃَ جا راهي! وڃين ڪيڏانهن تون، ڪنهن جو نه ٿيءُ!

———

●

ٿي لڳي ۾ واري اُڏري
ڪوئي نہ آ
ڪوئي نہ آ

ٿي لُوءِ ۾ ڪا وَل لُڏري
ڪوئي نہ آ
ڪوئي نہ آ

ايندين ڪڏهن؟ ايندين ڪڏهن؟
هاڻي تہ سورج ٿو ٻُڏري!
ڪوئي نہ آ
ڪوئي نہ آ

توکان سوا تنهنجو پرين!
کو هيڪيستائين سات ڏي؟
ڪوئي نہ آ
ڪوئي نہ آ

---

Gul Hayat Institute

●

* جنهن وقت ڏهر ۾ ڪَنڌهي تي
تو چنڊ آيرِي، مان روئان ٿو؛
۽ چوڏرو چوڏرو واريءَ تي
آن ۾ چمڪي، مان روئان ٿو.

جنهن وقت سُرِي هو چارين ۾
تو واجهه وجهي، مان روئان ٿو.
ڏس ڪيڏا ڪُونيٽ روئن ٿا
تو تر روئي، مان روئان ٿو.

تون ڪانه اچين ٿي سانورڙي!
ٿي رات رڙي، مان روئان ٿو؛
تو مُنهن تہ نہ موڙيو آ مون ڪان!
تولاءِ تَڪي مان روئان ٿو.

---

* ڪَنڌو — ڇاڇري جو ڏاڪڙو ۽ ننگرپارڪرجو آترِيون پاڳو.

Gul Hayat Institute

●

فانوس ڪٺي هئو چنڊ مٿان
ڪنهن لاءِ ڦيري ٿو گهٽيئن ۾؟
ڪا پياس ڏسي، آ آڻ ٿڻ ۾
جو سارو پاڻي ٻڪليُن ۾؟

توُن اڇٽي آن، توُن اڇٽي آن
مان تنهنجي راهه نهاريان ٿو،
’هيءَ توُن ناهين‘، ’هيءَ توُن ناهين‘
مان ماڻهو ماڻهو واريان ٿو.

ايندينءَ تہ سجاڻي ويندينءَ توُن
مان سارو تنهنجو سپنو هان
هئو چنڊ ٻڌائيندو توکي
مان تولئہ راتيون جاڳيو هان.

مان تنهنجي لاءِ اُڃايل هان
توُن منهنجو امرت ٿيُ ايندينءَ،
جا تنهنجي لاءِ آڪيُن ۾ آ
سا منهنجي پياس پروڙيندينءَ.

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي
پر مان تولئہ مدماتو هان،
آ توڙي پويون پهر پرين!
تولاءِ اگهي جئن آتو هان.

Gul Hayat Institute

●

اي ديس اُهوئي راڪِي هان
مان تنهنجيءَ ساري پيڙا جو
زنجير ڇني سارا اُن تان
جنهن پنهنجو گيت ڪيو آجو.

جنهن آزاديءَ جي رستي تي
آ توسان سارو پنڌُ ڪيو
۽ مرندي تائين مارڳ ۾
جنهن توسان هي سڱُ پَنڌ ڪيو،

”مان هونءَ پراهِون پانڌي هان
پر توسان ساٿ نڀائيندس،
مون لاءِ ته ٻين ٻين گيت هيا
پر مان تولئه ئي ڳائيندس.“

جنهن وقت پوان مان ليٽي، تون
هي تنبورو سيرانديءَ ڪان،
سيرڪائي جنهن کي ٻي ڏيندين
ڪو ساڻُ نه ٿيندو مون تنهن سان.

مون لاءِ اِهوئي ڪافي آ
مون تنهنجو ساٿ ڏنو آ،
آ تنهنجي آزاديءَ جو ئي
مون جيڪو گيت چيو آ.

———

Gul Hayat Institute

●

سون شعلا گيت ڇپيا
جئن تنهنجو چارو روشن ٿئي،
جو ڪارونجهر تي دور ويو
سو رستو سارو روشن ٿئي.

جنهن وقت انڌيري راتين ۾
گهنگهور گهٽائون ڇائينديون،
تنهن وقت سموري ٿَر ٻَرڪي
هي روشنيون دڳ لائينديون.

ڪنهن وقت نگر تي ٻينگرڙا!
سڀ چارا چنڊ ڀسائيندو،
تون پنهنجو گهر ڳولي لهندين
هو تنهنجي گهر تائين ايندو.

تنهن وقت وسارين هي ءُ مهان
ڪنهن وقت گهٽا جي گهيري ۾
ڪنهن مشعل تنهنجي لاءِ آڻي
ڪئي آديءَ رات انڌيري ۾!

Gul Hayat Institute

●

هي جو منهنجو ورثو آهي
تنهن کي ڪيئن وساريان آئون!
توکان دور ’ڪبيرا‘ آهي
ڇڻ منهنجو من گائون مائون.

مان ئي هنو ڪيلاش ته آهيان
مان ئي مانسرووَر آهيان
توڙي سنڌوءَ جيي چولي هان
توڙي سنڌوءَ جيئي ڇر آهيان.

مون کان ڪنهن تاريخ کسي آ؟
توڙي آءٌ نراس نه آهيان،
اوچو آ آڪاش جيان جو
مان اهڙو وشواس ته آهيان.

مسجد جا مينار ٻرن ٿا
صبح شوالي تي نڪتو آ،
آءٌ ڏسان ٿو برف رڃي آ
سج هماليي تي نڪتو آ.

ماڻهوءَ جي من - ورتيءَ وانگر
دنيا نيٺ بدلجي ويندي،
ڌرتي نيٺ ’ڪبيرا‘ تنهنجي
چرخي وانگر پيار ڪتيندي.

Gul Hayat Institute

●

اهو چنڊ ۽ رات اڳ جيئن آهي،
اسان جي ملاقات اڳ جيئن آهي؛
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونه آهين!

اهو گيت مون ڇڻ اڳي ڪٿ ٻڌو آ
اها ذات؟ ها ذات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونه آهين!

اهو ساز، آواز ساڳيو ته آهي
اها موت جي مات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونه آهين!

پريان ڪيرڙيِ تي ڪڪرَ ڪورَ سا ڳيي
لڳي ٿو ته برسات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونه آهين!

Gul Hayat Institute

اها پياس جي آس ساڳي ته آهي
اها ڏونس ۽ تات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونه آهين!

اها ناو ۽ نوش ٻون اڳ ڏني آهي
خصوصاً خرابات اڳ جيئن آهي،
اڙي پيار، تون اوپرو ڪونه آهين!

---

●

هي ٻُنيءَ تي چنڊ آهي
هيءُ نيرو منڊ آهي
مان نه آهيان
مان نه آهيان

رات، ڪيڏي رات آهي!
مان نه، منهنجي ڏات آهي!
مان نه آهيان
مان نه آهيان

ڪاروان اڳتي وڃي ٿو.
ڪالهه ڪان اڳتي وڃي ٿو
مان نه آهيان
مان نه آهيان

مان ته نيرو چنڊ ناهيان؟
مان ته سارو منڊ ناهيان؟
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!

مان ته ڪاري رات ناهيان؟
ڏات جي ٻارات ناهيان؟
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!

Gul Hayat Institute

ماڻ اڄان اڳتي وڃان ٿو؟
انت ڪان اڳتي وڃان ٿو؟
ڪير چئجي!
ڪير چئجي!

---

Gul Hayat Institute

●

آءٌ تنهنجو مُنهن ڇُهان ٿو
۽ ڇَپن ۾ ڪُجهه چوان ٿو،
”ڪير؟ آن تون چَنڊ وانگر؟
”دور، نيري مَنڊ وانگر؟
”تون هتي مون ڪي مِلي آن؟
”يا اڳي گڏجي ڪِلي آن؟
”ڪهڪشان جي راهه تي تون
”اڳ به مون سان گڏ ٽِلي آن؟
”ها، اِهي تنهنجون ادائون
”مون ٻُڌيون جن ۾ صدائون
”ڪنهن صدين جي ساز وانگر!
”دور جي آواز وانگر!
”آ سُڄاتل روپ تنهنجو
”ڇَوُ، ڪٿي مون سان ملي آن؟
”ڏِتِ ۾ ڏيئا ٻرن ٿا
”ڇَوُ، ڪٿي گڏجي کلي آن؟“

Gul Hayat Institute

●

وَري رات ڳولي پئي ڪُنڊ ڪيڏا
مٿان آپ اوڙاهه ۾ جي ڦرن ٿا!
نه معلوم ڪي سچ يا ڪوڙ آهن
ٻه ٽي ٻول ويساهه ۾ جي ڦرن ٿا!

نه معلوم تون مان اِئين ٿي ملياسين
وڇوڙو رڳو جيوَ جو ڀاڱو آهي!
نه معلوم تون مان رڳو رَڪ ناهيون
نه معلوم پنهنجو ڪٿي ماڳ آهي!

نه معلوم هي چانڊني رات، ڪائي
ڳجهارت ڏٺي يا ڳجهارت سڻي ٿي!
مماتي رڳو آڌ-ٻڙي آهه پياري
حياتي جتي دم پٽي، پو هلي ٿي!

Gul Hayat Institute

رڳو رات رهندي انڌيري، ڪٿي ڪو
نه تو جيئن هوندو نه مون جيئن هوندو!
وري ڪونه مليو! وري ڪونه ملبو!
اِئين ڪيئن هوندو! ائين ڪيئن هوندو!

——

●

موت ڪائي شيءِ نہ آ

زندگي آزاد پل جو نانءُ آ
ناهي ماهہ و سالن جي اِن ۾ ڳڻپ،
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

ڏس اهو ڪنهن وقت ڪو ماڻهو هيو،
هيءَ جا مٽيءَ ۾ مٽيءَ جي آهہ لپ
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

موت هرڪنهن تي اچي ٿو نيٺ ڙي!
ڏپ! ڪهڙا ڏپ؟ ڇاجي لاءِ ڏپ؟
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

ڪيستائين ٿو وڃين گهوڙي سوار؟
زندگيءَ ۾ گيان جي ڪيڏي نہ گپ!
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

رُوح جي خوشبو رهي ٿي واءُ ۾
هي بدن آ ڌوڙ ۾ ڪيڏي نہ ڏپ!
موت ڪائي شيءِ نہ آ
موت ڪائي شيءِ نہ آ.

---

Gul Hayat Institute

●

نہ ڄاڻان تہ مون سان ڪڏهن تون ملين؟
وئي آن تہ تنهنجو وڃڻ ڪونہ آ!

رڳو سڄ ڏي سڄ آهي پري
رڳو رڃ آ، ڪو هرڻ ڪونہ آ

رهي ڪجهہ آتوَ، ڪيئن چئجي تہ چا!
وڃي وقت جهڙو ٻرڻ ڪونہ آ.

ڇون ٿا تہ آ رَڪ تنهنجو سرير
سندءِ آتما جو ٻرڻ ڪونہ آ!

چون ٿا نئين زندگي آ اها
چون ٿا تہ ڪنهن جو مرڻ ڪونہ آ!

چون ٿا تہ ٽاڻو اتي ئي تہ آ
چون ٿا تہ اُن جو ترڻ ڪونہ آ!

لڳاتار آهي سفرُ جندڙي
بہ ٿي ڏينهن پيرو پرڻ ڪونہ آ.

Gul Hayat Institute

## (وائي)

ڪوئي نہ ٻُڌائي پارَ
مون کي هن پرڏيهہ جا!
ڪاڪِ تَڙِين تو ڪا ڏني مومل اي اوتارَ؟
کهڙي ڪُنّ سمائيا هو جي منهنجا يارَ؟
هي کهڙو درياهہُ آ جنهن جا آرَ نہ پارَ؟
چِنا ڏو ڳولي وائڙو چَنڊُ ڦري چوڌار؟

———

Gul Hayat Institute

●

## وائي

هي جو اونداهو، رستو آهي رات جو
سيجَّ سُنڌرو ڏينهن هُو جيوَنَ جو ڇا هو؟
ايڏا گُل ڪاڏي ويا ڏَسُ نہ ڏي ڏاهو؟
ڪيرُ ٻليندو پيار جي آڌر تان آهو؟
اي دل! پوئين پهر ۾ ڪهڙو ڪُرلاهو!

———

Gul Hayat Institute

## وائي

سنجهيءَ سنيُوڙا،
وڃن، پيا، واٽ تي
ڪَجاوَن تي ڪيتريون جهمٽيون ۽ جهُوڙا!
سُنَ سمايا پاڻ ۾ ڪيڏا واچُوڙا!
سُپنا سارا سونهن جا سَچَا يا ڪَوڙا،
پوءِ بہ چوڏهينءَ چنڊ ۾ پرن ٿا پُوڙا!

---

Gul Hayat Institute

## (رشيد ڀٽيءَ جي ياد ۾)

پَـٽيءَ کي ٻيهار، ڏاڍو تيز وڃي ڀيو
چڙ سانوڻ جو چنڊ ٿو، ٻيهي نه ولهار
چوي ڀيو: ’چار، آهيان پهر چمار جا‘

ڀٽي! منهنجا يارَ، پاڻ ڇڏائي ٿو وڃين
ڏس هي ڪيڏا بارَ، سڀ تي ڏُکي ديس جا!

ڀٽي! تنهنجي ٿهڪ ۾، ڏاهر جا ڏهڪارَ
ڇُپ ڪَيئه ڪئن يارَ، ڪيڏي مات اچي ويئه؟

هيڏا ڏرتيءَ جا نيڀَرَ، ڇني ڪيئن سگهين؟
ڪيڏو تيزُ وئين، پيارا سڀ پاسي ڪري؟

ڇا تون وئين سو وئين؟ وري ورندين ڪونه
ڇا هي ڌرتي تو نه، ٻارينديَ سڏڪا ڀري؟

ڌرتي ڪوئي ڏير، متان آءٌ ٻهي ڀوان!
منهنجي نيڻين نير، ڪيڏو آجهل ٿو رهي!

Gul Hayat Institute

چني گُلَ گُلاب جا، ڪَيئہ ڏارئون ڏارَ
اڙي موت! ميارَ، ايڏو ساڙ سُڳنڌ سان.

هي جو هر ڪنهن کي ڏسهي، تنهن کي دسي ڪو
جُڳن کان ڪيڏو، متو آهي ملاکيڙو!

Gul Hayat Institute

نظم

اورنگيءَ جي اوٽَ ۾، ڀري ٿو سنسارُ
ڪائي نار ڇڏي ويئي، نئون ڇايل پارُ
ڪهڙو قول قرارُ، سوچان ٿو اِن سان ڪيان.

هي جو نئون پار آ، جنهن جو ڀيءُ نہ ماءُ
اَن جو ڪهڙو پاءُ، ٿيندو منهنجي ڪُلّ مان!

اهڙيءَ ڳليءَ ڇائيو، هاءِ نياڳو ڇو
جا ڪنهن تاريءَ وانگيان، جنهن جو نہ ڀُوتو؟
آهي رَتّ رتو، توڙي ڳُلّ گلاب جو!

تڙي پونديون تاريون، ايندو نيٺ بسنتُ
پوءِ بہ هين جو انتُ، ڦِٽهي ڪيل قُول جان!

---

Gul Hayat Institute

●

## (آزاد نظم، ترجمو)

ايڏي اونهي ڪانہ آ، ڪائي بہ کاهي،
تو مان جي چاهي، ٽپندي پار ورانگهہ سان.

اهڙي اوچي ڪانہ آ، ڪائي بہ ديوار،
پيارا ٽپي پار، پونداسين جي چاهيون.

اهڙو نہ طوفان آ، نہ ڪي انڌيرو
چاهيون تہ پيرو، ڇڏو رهندو پريت جو.

جي تاريلي رات آ، ناهي چندرمان،
پوءِ بہ اسان سان، جوت تہ آهي جڳ ۾.

سيڙهي ڪائي سانورا، ڪوئي تہ آڌار!
پهچي تو وٽ پيار، جهڙل نہ جنهن جي جيءَ ڪي.

Gul Hayat Institute

جنهن وقت تري ۾ آئينو
چمڪي ٿو، چنڊ پسائي ٿو،
جو ڪوسُ پرياٽ ٿو پاڻيءَ مان
سو چانڊوڪي ڇُلڪائي ٿو.

آ ڪوهه جيان ٻولي، جنهن مان،
ٿو جيڏا پنهنجا ٽانوَ پِريان،
جَر وِترو اُن ۾ جرڪي ٿو
ٿو چَنڊُ پسائي پاڻُ پِريان.

اِئن عمر وهامي وئي آ
ٿي پياس وڃهائي ڪوسَ نوان،
هو چَنڊ اُتي ئي ٻيٺو آ
هو چَنڊ تري ۾ آهي اڃان!

Gul Hayat Institute

●

آهي ڪاريءَ رات جو
پويون پهر اڄان
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

هڪ هڪ ٿيندا تا وڃن
ڪيسين روئان مان
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

اڃان پنڌ پنو نہ آ
آيو موت مٿان
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

ڪاش! پرينءَ جي پار کي
اکين آءٌ ڏسان!
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

ساڪِي ستارا تجو
جي مان پنڌَ مران
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!
ڪاش نہ وڃن ڪاپڙي!

Gul Hayat Institute

●

ڏاڳــا ڏوپ نــہ واسيا، ساڳيون ڄڻائــون
آءٌ اُئين ئي پنڌ ۾.

موتيو ناهيان ماڳ ڪـي، ڏور ڏسي آئون،
آءٌ اُئين ئي پنڌ ۾.

پــار اهوئي آ پــرين، ڪَهڙيونَ پڇُائون؟
آءٌ اُئين ئي پنڌ ۾.

توسان منهنجون سانوري لـوئيءَ ۾ لائون
آءٌ اُئين ئي پنڌ ۾.

---

Gul Hayat Institute

●

واڳيي ڙني واڳيي
توسان پڻ پنهور جي.
چنڊ به ڪنهن سرهات ۾، ڳالهه ڪئي ساڳي،
ساري رات رمي وئي، جوڳين لئه جاڳي،
ڪڏهن ايندا اوچتو، پره جا پاڳي؟
ٺمڪي پئي باهڙي، ورندا ويراڳي،
هي جا منهنجي سنڌڙي ناهي نپاڳي.

———

Gul Hayat Institute

## وائي

وڻُ تہ اڃان ساڳو
ٻڪِ پراهانِ ٿي وياءِ
پنھنجو پنھنجو ٿو ٿئي، ھِي سڀ پرائو.
پرکي ڏِسُ اي ڏِيس ٿون ڪِرو ۽ لائو!
ڪئن چئجي ڪنھن وقت ٿئي موتِي ميڙائو!

Gul Hayat Institute

●

جـَڙوُن مون ڪيئي

پهتيون جي پاتار ۾.

هـُو جي مون کان ڏُور ها ويجها ها سيئي!

او، جـا مون کي راتڙي ٻـريـَن ريءَ پيئـي!

تون، مان، ڳاڙهو سـِج ؔ، آج اوندهہ ۾ ٽيئي!

پـُڙ پـريان جـي پـارَ ڏي، متان ملـيئي!

———

Gul Hayat Institute

●

اچين ٿو اونارَ
جهُونڙا جهمڪن ٿا پيا.
آهٖ اُفق تي ٿو ڏسان ڳاڙهي سج ۜ اُپارَ!
او شل ڏسان جيئري هُجو جي مون ساٿيارَ!
او شل اُپرن اوچتو ڪِڪر ڪارونپارَ!
ڌرتيءَ منهنجي مينهڙا وَسن ويروتارَ.

——

Gul Hayat Institute

●

سپنا سگهيرو
ڄڃَي تونَ سَاپيا ٿي وڃين!
متان موتي ماڳ تان، پنهنجو هي پيرو!
ميٺي اُڏي ڪيٺري، تُنَ نہ مون ميرو.
ڪڏهن ٿيندو ديس تي ڳاڙهو سويرو؟

Gul Hayat Institute

●

منهنجي پيرآندڙي ·

ڪيئي ڏاها ڏيهہ جا. ·

شاهہ عنايت جهوڪ جو منهنجي سيرانديءَ؛
ڪيڏي سِڪ سڳنڌ آ آزاديءَ آندي!
ڌرتي منهنجي ديس جي هاڻ نہ هيڪاندي،
اڄ بہ منهنجي مارئي اڳي جئن ماندي.

---

Gul Hayat Institute

●

وَري هو ڦَرڙا
وڃن پيا واٽ تي.
وَري ساڳــيءَ وڻيڙَهہ ۾ آيا ولــرڙا،
ڪارونڀهر تي ڪيترا ڪُونڌَر اڄ ڪَرڙا،
آڏيو آڏيو مــارُوڙو ٻيهـر ٻُـپ گهرڙا!
مــون ڏاڏاڻــي ڏيهہ ۾ ســاوا سڱرڙا،
هـا، پَـر پيرين ديسڙا تــوکي نيَـرڙا.

———

Gul Hayat Institute

●

واڌَي

سڀ ڪان وڏي ڳالهہ هيءَ
آهين ڪهڙيءَ پـَـر؟
ڪهڙي ماٺِ مُنـِهي ميان!

آئـي ڪنهن اعلان سان
ڇُونڊ چڱيري ڪـَر!
ڪهڙي ماٺِ مُنـِهي ميان!

هو جو چنڊ اڇي ڪـَري
دانُ گهُري تو دَرَ!
ڪهڙي ماٺِ مُنـِهي ميان!

آن جي جهوليءَ روشني
تون به تہ پنهنجي پـِرا!
ڪهڙي ماٺِ مُنـِهي ميان!

———

Gul Hayat Institute

●

انٽرنئشنل

بُکَ وگهي ڇا ڇا نہ ڪيو تا
ڌرتيءَ جا مظلومو جاڳو!
آزاديءَ اعلان ڪري اڄ
دنيا جا محڪومو جاڳو!
ماضيءَ جون محروميون واريو
جاڳو اي محرومو جاڳو!

يارو، نيٺ تہ ٽيٽي آهي
ڌرتي پنهنجي ڏان ـ ڏياٽي
هاڻي ڪجهہ بہ نہ آهيون، پو ڇا
نيٺ تہ پنهنجي آ سرواٽي.

نيٺ غلاميءَ جون زنجيرون
هن ڌرتيءَ تي ٽوڙيندا سين،
ڇا بہ هجي تقدير، اُنهيءَ کي
محنت ڪش گڏ موڙيندا سين.

اهڙا ڪُورا پاريندا سين
اهڙو لوهہ ٽپائيندا سين
هر ڪنهن کي آزاد ڪندا سين
پنهنجي سگهہ مڃائيندا سين.

Gul Hayat Institute

هي سارا قانون نڳيءَ جا
جاندهہ وانگر جي پيٽهن ٿا،
هڪ پيرو يلغار ڪيُون جي
پنهنجي سامهون ڪٽ بيهن ٿا.

ڊوُنگ رياست آهي هرڪا،
سرمائي وارن جي ساٿي!
هي سارو انصاف اُنهيءَ جو
آ چڙ ڪوئي اندو هاٿي.

اُن جو فرض اهو آهي ڇا
روز غريبن کي ڇيتاڙين؛
چُرچ ڏين جي پيسي وارا
ڇيتي جئن هُوءَ ڇيري ڦاڙي؟

جنهن جو ڪوئي فرض نہ آهي
تنهن جو ڪوئي حق نہ آهي؛
هاڻي ڏاڍن نہ ڏيندا سون ڪو
جي سڀ هڪجهڙائي ناهي.

هي جي شاهنشاهہ ڏسو ٿا
سڀ ڌي انگ اُگهاڙا آهن،
سڀ ئي پنهنجو رت پين ٿا
سڀ پورهئي تي ڏاڙا آهن.

Gul Hayat Institute

آڄ جاري فرمان ڪيون ٿا
ڌاڙيلن کان سڀ ڪجھہ ڪسجي،
اونھيءَ اوندھہ کان پاسي ٿي
جڳ کي واٽ نئين ڪا ڏسجي.

دُور ھٽايو ھي خوشبويون
پنھنجي سگھہ وھاڻ واريون؛
اي مجبورو! ڳالھيون ڳايو
ڪوٽ ڪڙن کي ٻاٽڻ واريون.

سچ- سپاھي اڄ ڌاڙن جي
گڏجي ھمٿ ٽوڙيندا سين،
ماڳ اسان جو ساڳيو آھي
مُلڪ انھيءَ ڏي موڙيندا سين.

محنت ڪش انسانَ اسان اڄ
ڌرتيءَ کي اپنائيندا سين،
ويڇو وچ ۾ ڪوبہ نہ رھندو
سڀ کي سيني لائيندا سين.

ڌنڌ ڳيجھن جو ڳاھہ نہ ٿيندو
ائين سڀ ڌنڌ ورھائيندا سين،
ميل بہ پنھنجي، ڪاڻ بہ پنھنجي
کيت بہ گڏجي کائيندا سين.

Gul Hayat Institute

سڄو سڀاڻي آيري پنهنجون
روشنيون جو ڦهلائيندو،
هرڪو ڌرتيءَ تي خوش هوندو
آزاديءَ جا ڳڻ ڳائيندو.

محنت ڪش ساٿي مزدورو
پنهنجي ورڪ وڏايون ٿا اڄ،
ساريءَ ڌرتيءَ لاءِ ترانو
سڀ ئي گڏجي ڳايون ٿا اڄ.

اٿو اڏارون ڪاٿي آيرو!
طوفانن جئن جهومو، جاڳو!
ڌرتيءَ جا مظلومو جاڳو!
دنيا جا محڪومو جاڳو!
جاڳو اي محرومو جاڳو!

---

* مزدورن جي قومي تراني ”انٽرنئشنيل“ کان متاثر ٿي لکيو ويو.

Gul Hayat Institute

●

ٿا چانڊوڪيءَ ۾ ڏيکڻ ڏرين
جنهن وقت پٽا واريا سي جا،
تنهن وقت لڳي ٿو ھي رڻ پٽ
ڪنهن چيٽي جئن آزاني آ!

ڪنهن وقت ته پنهنجي ننڊ منجھان
ھو اُيري ايندو چال ڏئي،
سو وقت ته ايندو نيٺ ڪڏهن
آ ٿوڙي اُن ۾ دير پئي.

اڄ ننڊ ٿڪي آھي ته سهين!
ٿو چيٽو ڪر ساهي ته سهين!

——

Gul Hayat Institute

●

چِپُن منجهہ چِپُن

ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا

وکون پيون واٽ ڏِـــي وِيرانَ ويـر وَڏن،

اجهو. ماڳ اچي ويو، دليون ٿيون دهڪن!

روهيڙي جـِـا گلــڙا سانـوڻ سنگ ٿيڙن!

ساپيا سان سَـرچـــي ويـــا سپُنا سانگيئــڙن.

---

Gul Hayat Institute

سُرخ گهوڙي سوارَ!
پنڌ تنهنجو پري ڪيترو آ اڃا؟
ريت پيئـــي ٻـَـري سـِـجُ آيـــوُ ڪپارَ،
ننـڍ ۾ هـــر طرف ڏر ٽتيءَ تـــي ڏنـارَ،
چانـورا سڀ چـڏي ٿـــو وڃين تيز يـارَ.

Gul Hayat Institute

●

جي نہ مان تنهنجو ضمير
مان لڪان ڇالاءِ ٿو؟

ڊَؤر! تنهنجي قيد ۾ جي مان بہ پين وانگر اسير
مان لڪان ڇالاءِ ٿو؟

جي نہ آزادي اُنهيءَ ۾، آهيہ جو منهنجو خمير
مان لڪان ڇالاءِ ٿو؟

ڪا گِري قيمت نہ ان جيي، ساھ منهنجو يا سرير
مان لڪان ڇالاءِ ٿو؟

شعر ڇاجي لاءِ جـيي، اُن ۾ ڌرتيءَ لاءِ ڍير؟
مان لڪان ڇالاءِ ٿو؟
مان لڪان ڇالاءِ ٿو؟

---

Gul Hayat Institute

●

ساري قوم ٻه ظلم ڪري ٿي
اوچ ۾ ظالم نيچ ٻه ظالم.

نيچ ٻه پنهنجي نيچائيءَ ۾
اوچائيءَ احساس رکي ٿو
تنهنجو تن ته هڏائون پڃرو
هِو ڪجھه ٿورو ماسُ رکي ٿو،
جيڪي هن جو رتُ پيئن ٿا
تن ۾ ئي وشواس رکي ٿو.

اوچ ٻه ظالم نيچ ٻه ظالم
ساري قوم ٻه ظلم ڪري ٿي.

تنهنجي رتُ پيئڻ لئه گڏ آ
پنهنجن رتُ پياڪن سان هُو،
نوڪي دوست ڪٿي ٿو سمجھي
خوش آ پنهنجي دشمن سان هُو،
ڇڻ تون ڪو آئينو آهين
جنهن ۾ آهه درندي جان هُو.

تنهنجي روٽيءَ سان پنهنجي جو
توکي ريٽي، پيٽ ڀري ٿي،
ساري قوم ٻه ظلم ڪري ٿي
اوچ ٻه ظالم نيچ ٻه ظالم.

Gul Hayat Institute

# ڀُلنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٢٠ | ١٢ | آکڙين | آکڙين |
| ٣٣ | ٧ | چڙڪيرِ | چڙڪيءِ |
| ٣٥ | ٢ | واٽِ | واٽَ |
| ٣٦ | ٣ | جاريُنِ | چاريُنِ |
| ٣٧ | ٦ | اُچ | اُچ؟ |
| ٣٧ | ١١ | ٿويا | ٿوپيا |
| ٤٣ | ٧ | سارنِ | ساريُنِ |
| ٤٣ | ١٧ | سارن | ساريُنِ. |
| ٤٧ | ١ | جو | جوُن |
| ٤٨ | ١ | سنجرِي | سنجهي، |
| ٤٨ | ١٤ | واريءَ | وآڙيءَ |
| ٥٢ | ١٢ | پانهون | پانهيون |
| ٦٢ | ٥ | ڀَبِ | ڀَبَ |
| ٦٤ | ١١ | جيئن | جيئين |
| ٧٤ | ٩ | نيپٿ. | نيپٽ |
| ٧٦ | ٥ | پچل | پچا |
| ٧٨ | ١٠ | تورزي | تورڙي |
| ٨٠ | ١٤ | ڏنَ | ڏَنَّ |
| ٨١ | ٣ | ايئن | ايئين |
| ٨٢ | ١٧ | چاڻِ | چاڻَ |
| ٨٣ | ٦ | هو | هنو |
| ١١٤ | ١ | چنڊُ | چنڊُ |
| ١١٥ | ١٦ | انڌيري | انڌيري |
| ١١٧ | ١٦ | آهي | آ |
| ١٢٠ | ١٥ | ڏِتِ | ڏِتِّ |
| ١٣١ | ٩ | آ | آهي |

Gul Hayat Institute